REG NO. 3833

ABC Certified

روزاني

سنڌيار

سکر

ايڊيٽر: اعجاز مهر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) ڇنڇر20 جنوري 2024 ع بمطابق08 رجب المرجب 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو:235

مس مس شينهن نظر آيو آهي، جيالن جو انگ ڏسي وري واپس گهر ۾ لڪي ويهي رهي: بلاول ڀٽو زرداري

عام چونڊن ۾ عوام ۽ پيپلزپارٽي جي فتح ٿيندي، عوام بيروزگاري ۽ مهانگائي سبب پريشان آهي، رڳو پ پ آهي جيڪا اليڪشن پنهنجي منشور تي وڙهي رهي آهي

اسان مهانگائي ۽ غربت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ڏهه نڪاتي ايجنڊا پيش ڪئي آهي، حڪومت ملي ته ان تي عمل ڪندس، قائد عوام ۽ شهيد بينظير ڀٽو جيان واعدا پورا ڪندس

هڪ همراهه جيڪو وزيراعظم جنهن کي ٽيٽو هو چوندو هو پنجاهه لک گهر ٺاهيندس، اسان سنڌ ۾ گهر ٺاهي مالڪاڻا حق ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي

ڪين رڳو اها ڳڻتي آهي ته ڪيئن به ڪري چوٿون ڀيرو ڪرسي تي ويهون، هر سال هڪ 1500 ارب اشرافيا کي سبسڊي ڏني ويندي آهي، حڪومت ٺهي ته اشرافيا جي سبسڊي ختم ڪري پئسا اوهان تي خرچ ڪندس

ڀهريان بي آءِ ايس پي پروگرام آندو هو هاڻي هاري ڪارڊ آڻينداسين، اسان بينظير پورهيت ڪارڊ ذريعي مالي مدد پهچائينداسين، عورتن کي بنا وياج قرض ڏينداسين ته جيئن هو ڪاروبار شروع ڪري سگهن

رحيم يارخان (م د) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان لاهور جي سياستدانن کان ڊڄڻ وارا ناهيون ، چونڊن ۾ جي مقابلو ڪنداسين. رحيم يار خان ۾ چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو ته ڪالهه مسين مسين شينهن نظر آيو اٿين ته ٿڻي اوهان جو انگ ڏسي شيرواپس گهر ۾ لڪي ويهي رهي، لاهور جي سياستدانن کي پيغام آهي ته ڊڄڻ وارا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

رحيم يارخان: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

”ايران ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ چاهي ٿو“ پاڪستان جو ايران سان ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ ۽ لاڳاپا بحال ڪرڻ جو فيصلو

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا ۽ سلامتي ڪميٽي جا اجلاس، ايران سان سفارتي لاڳاپا بحال ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي

ايران هلندڙ ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ چاهي ٿو (نگران پرڏيهي وزير جي پنهنجي اجلاسن کي بريفنگ) اسان نه ٿا چاهيون ته پاڙيسري ملڪ سان لاڳاپا خراب ٿين، ايران غلط عمل ڪيو جنهن جو جواب ڏنو ويو: فيصلو

قومي سلامتي ڪميٽي اجلاس ۾ پاڪستان ايران ڇڪتاڻ تي غور ڪيو ويو، نگران پرڏيهي وزير سلامتي ڪميٽي اجلاس کي سفارتي محاذ تي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه تي بريفنگ ڏني

بچاءَ واري وزارت جي عملدارن به معاملي بابت آگاهه ڪيو، پاڪستان ايراني سرزمين تي ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو، پاڪستان ايراني سرزمين تي موجود دهشتگردن خلاف ڪارروائي ڪئي: بريفنگ

اجلاس ۾ پاڪستان جي ايران ۾ مقرر سفير به بريفنگ ڏني، نٿا چاهيون ته ايران سان لاڳاپا خراب ٿين، ايران غلط قدم کنيو جنهن جو جواب ڏنو: سفارتي عملدارن جي بريفنگ

پاڪستان پاڙيسري ملڪن سان ڪو به ڇڪتاڻ نه ٿو چاهي، قومي سلامتي تي ناهه نه ڪيو ويندو، ڪميٽي ملڪي سالميت ۽ خودمختياري تي ڪنهن به قسم جو ٺاهه نه ڪرڻ جو عزم ورجايو

اسلام آباد (م د) قومي سلامتي ڪميٽي ملڪي سالميت ۽ خودمختياري تي ڪنهن به قسم جو ٺاهه نه ڪرڻ جو عزم ورجايو آهي. نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ٽنهي هٿياربند فوجن جي سربراهن ۽ بين لاڳاپيل اختيارين شرڪت ڪئي. ذريعن موجب، قومي سلامتي ڪميٽي اجلاس ۾ پاڪستان ايران ڇڪتان تي غور ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ قومي سلامتي ڪميٽي اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان سدائين هر صورتحال ۾ ايران جو ساٿ ڏنو آهي: ايران ۾ مقرر سفير مدثر ٽيپو

اسلام آباد (م د) ايران ۾ مقرر پاڪستاني سفير مدثر ٽيپو چيو آهي ته پاڪستان سدائين هر صورتحال ۾ ايران جو ساٿ ڏنو آهي، پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ واري صورتحال ڪانپوءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ هاڪاري اڳڀرائي سامهون آئي ۽ پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان ٻنهي ملڪن ۾ هاڪاري ڳالهين جي تصديق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ هاءِ ڪورٽ سيٽن تي ڊاڪٽر فهميدا مرزا جا نامزدگي ڪاغذ بحال ڪري ڇڏيا

ٽريبونل قومي اسيمبلي جي مخصوص سيٽ تي فهميدا مرزا جا نامزدگي ڪاغذ بحال ڪري ڇڏيا

اليڪشن ڪميشن عورتن جي مخصوص سيٽ تي فهميدا مرزا جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪري ڇڏيا هئا

ڪراچي (م د) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي اليڪشن ٽريبونل مخصوص سيٽن تي ڊاڪٽر فهميدا مرزا جا نامزدگي ڪاغذ بحال ڪري ڇڏيا آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اليڪشن ٽريبونل جي سامهون جي ڊي اي اڳواڻ فهميدا مرزا جي اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

جسٽس رٽائرڊ مظاهر نقوي سرڪاري بلٽ پروف گاڏي واپس ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي اڳوڻي جج جسٽس رٽائرڊ مظاهر علي اڪبر نقوي سرڪاري بلٽ پروف گاڏي واپس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پاڪ - ايران پرڏيهي وزيرن جو فون تي رابطو، ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ تي اتفاق

جليل عباس جيلاني ۽ ايراني پرڏيهي وزير حسين امير عبداللهيان ۾ رابطو ٿيو

جليل عباس جيلاني قومي سلامتي ڪميٽي کي ايراني هم منصب سان ڳالهه ٻول کان آگاهه ڪندو

اسلام آباد (م د) پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال ڪانپوءِ ٻنهي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن وچ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ٽيليفونڪ رابطو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اڄا تائين يهودي لابي عمران خان کي سپورٽ ڪري رهي آهي: مولانا فضل الرحمان

ايران پاڪستان پاڙيسري آهن، هينئر به وقت آهي اسان کي منفي قدم نه کڻڻ گهرجي

نواز شريف ۽ سندس خاندان سان به ظلم ڪيا ويا، پي ٽي آءِ لفاظي کان سواءِ ڪو ڪم ناهي ڪيو

اولهه جي نوڪري ڪيو پر پاڪستان جا مفاد نه ڪپايو، هو ڪوڙا آهن، هو پاڪستان سان گڏ نه خلاف بيٺا آهن

ڊيرا اسماعيل خان (م د) جمعيت علماء اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته ايران پاڪستان پاڙيسري آهن، هينئر به وقت آهي منفي قدم نه کڻڻ گهرجي. ڊيرا اسماعيل خان ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مولانا فضل الرحمان چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

جي يو آءِ ف جو سربراهه مولانا فضل الرحمان

نوازليگ جو ڪو منشور هجي ها ته اعلان ڪيو وڃي ها: فيصل ڪريم ڪنڊي

نواز شريف ووٽ کي عزت ڏيو وانگي چونڊ منشور به لنڊن ۾ وساري آيو

پ پ چيئرمين پنهنجي منشور سان عوامي عدالت ۾ پيش ٿي رهيو آهي

اسلام آباد (م د) پيپلزپارٽي جي اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته نوازشريف ووٽ کي عزت ڏيو وانگي چونڊ منشور به لنڊن ۾ وساري آيو، پنهنجي هڪ بيان ۾ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته مسلم ليگ ن جو ڪوئي منشور هجي ها ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سائفر ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ وارو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج

هاءِ ڪورٽ وٽ خاص عدالت جي حيثيت ختم ڪرڻ جو اختيار نه آهي: درخواست

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ حقيقتن جو درست جائزو نه ورتو، فيصلو ڪالعدم ڏنو ويندو

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت عمران خان خلاف جيل ۾ سائفر ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ جو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو فيصلو چئلينج ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سياست ۾ ڏکيو سکيو وقت ايندو رهندو آهي، عوام جو انگ ٻڌائي ٿو ته مهانگائي جا ذميوار اسان ناهيون: مريم نواز

خانيوال جي قيادت ميدان ڇڏي نه ڀڄندي، اوهان ظلم ۽ تڪليفن جو شير وانگر مقابلو ڪيو، هي جو ٿا ڇڏي ڀڄي چڪا آهن

شير ۽ ليڊر اهو هوندو آهي جيڪو ميدان ڇڏي نه ڀڄي، 2018 ۾ هرهنڌ ڌانڌلي هئي پر خانيوال جي شيرن ڪنهن کي گهڙڻ نه ڏنو

نواز شريف چيو هو ته 9 مئي رياست تي حملو ڪري ڇڏيو؟ جان ليگي قائد چيو هو ته جعلي انٽرا پارٽي اليڪشن ڪرايو؟

خانيوال: نوازليگ جي نائب صدر مريم نواز چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

خانيوال (م د) پاڪستان مسلم ليگ ن جي سينيئر نائب صدر مريم نواز چيو آهي ته پارٽي جي جلسن ۾ وڏي انگ ۾ عوام ٻڌائي ٿو ته مهانگائي جا ذميوار اسان ناهيون. سياست ۾ لاهه چاڙهه ۽ ڏکيو سکيو وقت ايندو آهي. خانيوال جي قيادت ميدان ڇڏي نه ڀڄندي. اوهان ظلم ۽ تڪليفن جو شير وانگر مقابلو ڪيو. هي جو ٿا ڇڏي ڀڄي چڪا آهن. ن ليگ هر ڪوڙي ڪيس کي منهن ڏنو ڪوئي نواز شريف کي ڇڏي ناهي ڀڳو جلسي کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته نواز شريف واپس آيو آهي ته ان جو سبب آهي. خانيوال ميدان ڇڏي ناهي ڀڳو. هن چيو ته شير ۽ ليڊر اهو هوندو آهي جيڪو ميدان ڇڏي نه ڀڄي. 2018 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪنهن مارشل لا جي نرسري ۾ ناهيان پليو، 90 سيڪڙو فوجي پي ٽي آءِ کي ووٽ ڏيندا: عمران خان

نواز شريف چونڊ مهم هلائڻ لاءِ نڪتو آهي ٻڌايو ته 16 مهينن تائين ڪنهن جي حڪومت هئي؟

16 مهينن ۾ معيشت تباهه ڪئي وئي، 15 لک پروفيشنل ملڪ ڇڏي هليا ويا، مهانگائي 38 سيڪڙو تي ڇڏي وئا

پاڙيسري بدلائي نٿا سگهجن، اسان ڀارت سان به دوستي جي پوري ڪوشش ڪئي هئي افغانين کي ڪڍي اسان نفرت کي وڌايو

راولپنڊي (م د) پي ٽي آءِ باني عمران خان چيو آهي ته نوي سيڪڙو فوجي تحريڪ انصاف کي ووٽ ڏيندا جنرل (ر) باجوا مون کي چيو ته سڄي فوج توسان گڏ آهي، باجوا جي فيصلن پاڪستان جو بيڙو ٻوڙيو پر فوج جوان ۾ ڪو ڏوهه ناهي، اڊيالا جيل ۾ ميڊيا سان غير رسمي ڳالهه ٻول ڪندي عمران خان چيو ته نواز شريف چونڊ مهم هلائڻ لاءِ نڪتو آهي ٻڌايو ته 16 مهينن تائين ڪنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي نفري مقرري جو فارمولو طئي

اليڪشن ڪميشن ۽ پوليس وچ ۾ سيڪيورٽي بابت معاملا طئي ٿي ويا

اليڪشن ڪميشن پولنگ اسٽيشنز تي نفري مقرريءَ جو نئون فارمولو ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (م د) ملڪ ۾ عام چونڊن کي نظر ۾ رکندي انتهائي حساس ۽ ٻين ڪيٽيگريز جي پولنگ اسٽيشنز تي نفري مقرري جو فارمولو طئي ٿي ويو. ذريعن موجب. اليڪشن ڪميشن ۽ پوليس وچ ۾ عام چونڊن دوران سيڪيورٽي بابت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ايران ۾ فوج جي آپريشن ماهه رنگ بلوچ جي سازش کي وائکو ڪري ڇڏيو: جان اڇڪزئي

پاڪ فوج آرمي چيف جي قيادت ۾ قوم جو ڳاٽ اوچو ڪري ڇڏيو آهي، ان ايڪشن ذريعي ڀارت جي دهشتگردي جو نيٽ ورڪ وائکو ٿي ويو

علحيدگي پسند ۽ دهشتگرد تنظيمن جا ماڻهو ايران ۽ ڀارت سان ملي پاڪستان خلاف سازشون ڪري رهيا هئا

پاڪستان ۽ خاص طور بلوچستان ۾ دشمن قوتون اندروني افراتفري ۾ ناڪامي ڪانپوءِ پرڏيهي مداخلت جي ڪوشش ڪري رهيون هيون

ڪوئيٽا (م د) اطلاعات بابت نگران صوبائي وزير جان اڇڪزئي چيو آهي ته ايران ۾ فوجي آپريشن ۾ پاڪستاني شهرين جي مرڻ سان گڏ ٿيل ماڻهن جو ڊرامو رچائيندڙ ماهه رنگ بلوچ وائکي ٿي وئي آهي. ڪوئيٽا ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جان اڇڪزئي چيو ته پاڪ فوج ملڪي سلامتي ۽ خودمختياري کي چئلينج ڪندڙ عنصرن کي ڀرپور جواب ڏنو هن چيو ته پاڪ فوج آرمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

چاهت فتح علي خان پارٽي رجسٽرڊ ڪرائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن پهتو

مون کي سياست جو شوق آهي، پارٽي رجسٽرڊ نه ٿي ته عدالت سان رابطو ڪندس

ڀاڄيون ۽ ميوا مهانگا نه هجڻ گهرجن، پلاند جي سياست جو به خاتمو چاهيان ٿو

سوشل ميڊيا تي پنهنجي انوکي گلوڪاري سبب مشهور ٿيندڙ چاهت فتح علي خان پنهنجي جماعت رجسٽرڊ ڪرائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پاڪ - ايران سرحدي ڇڪتاڻ سان چونڊن جو شيڊول متاثر نه ٿيندو: اليڪشن ڪميشن

سرحدن تي ڇڪتاڻ باوجود اسان جو سمورو ڌيان 8 فيبروري تي چونڊون ڪرائڻ تي آهي

اليڪشن ڪميشن پنهنجي شيڊول موجب ۽ اعلانيل تاريخ تي ئي چونڊون ڪرائڻ لاءِ پرعزم آهي

اهڙي ڪا به تجويز يا آپشن غور هيٺ ناهي ته ڇڪتاڻ سبب اليڪشن جي تاريخ تي نظرثاني ڪئي وڃي

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن چيو آهي ته پاڪ - ايران ڇڪتاڻ سان اليڪشن يا اليڪشن جو شيڊول متاثر نه ٿيندو. سرحدن تي ڇڪتاڻ باوجود اسان جو سمورو ڌيان 8 فيبروري تي چونڊون ڪرائڻ تي آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ايم ڪيو ايم رابطا ڪميٽي جو ميمبر اسلم آفريدي پ پ ۾ شامل

اسلم آفريدي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي رابطا ڪميٽي جو ميمبر هو: ڊاڪٽر عاصم

گمراهه ٿيل ساٿي واپس اچي رهيا آهن، هي ته فقط ٽريلر آهي اڃا ڏکيو قطار آهي: اسلم آفريدي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان رابطا ڪميٽي جو ميمبر اسلم آفريدي پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويو ان ڏس ۾ ڊاڪٽر عاصم حسين چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

صدر جو لکي مروت حملي جي شهيدن جي پوليس وارن سان ٽيليفونڪ رابطو

اسلام آباد (م د) صدر ڊاڪٽر عارف علوي لکي مروت حملي جي شهيدن جي پوليس وارن سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو ۽ گهروارن سان همدردي جو اظهار ڪيو. ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر ڊاڪٽر عارف علوي سپاهي محمد افضل ۽ ابرار حسين جي پوليس وارن سان پڻ تعزيت جو اظهار ڪيو. صدر وطن جي لاءِ جانيون جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

لاهور: اڳوڻو وفاقي وزير گوهر اعجاز تقريب کي خطاب ڪندي

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير شمشاد اختر دوائن جي قيمتن بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

بلاول جهڙو منشور ڏنو آهي اهڙو ته هڪ ڏينهن ۾ لکي ڏئي سگهان ٿو: عرفان صديقي

اسان نواز شريف، مريم نواز يا شهباز شريف کي 10 نقطا ڏيون ها ته جلسن ۾ ڊيليور ڪن، اهو آسان ڪم هو

چونڊ منشور لاءِ سنجيده ڪوششون ڪرڻ گهرجن، هن وقت تائين ڪنهن به پارٽي لکت ۾ منشور جاري ناهي ڪيو

اسان جو منشور ٻن ٽن ڏينهن ۾ اچي ويندو، اسان جي دور ۾ وڏن ڊرٽن سان ڪو به ڪجهه نه ڪري سگهيو

لاهور (م د) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ۽ ڪالم نگار عرفان صديقي جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن بلاول ڀٽو زرداري سمجهي ها ته اسان کي به سندس جهڙو منشور ڏيڻ گهرجي ها ته هڪ ڏينهن ۾ 10 اهڙا نقطا لکي ها، هتي جو چوڻ آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: نگران وفاقي وزير عتيق احمد سيمينار کي خطاب ڪندي

نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي پاران پيمرا چيئرمين محمد سليم بيگ جي وڏي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (م د) اطلاعات، نشريات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي پيمرا چيئرمين محمد سليم بيگ جي وڏي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي تعزيتي بيان ۾ اطلاعات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته پيمرا چيئرمين جي ڀاءُ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

گم ٿيل ماڻهن بابت سپريم ڪورٽ جي حڪمن تي عملدرآمد شروع ڪيو ويو

اٽارني جنرل جو دفاع واري سيڪريٽري ۽ گهرو سيڪريٽري کي خط، آرڊر جي پيرا 11 جو حوالو ڏنو

سپريم ڪورٽ اڳتي ڪنهن به شخص کي غيرقانوني طور گم نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي: خط

لاڳاپيل وزارتن جي سينيئر ترين آفيسرن وٽان صحيح ٿيل اقرار نامو طلب ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (م د) نگران حڪومت گم ٿيل ماڻهن بابت سپريم ڪورٽ جي حڪمن تي عملدرآمد شروع ڪري ڇڏيو ذريعن موجب، ان سلسلي ۾ اٽارني جنرل، دفاع واري سيڪريٽري ۽ گهرو سيڪريٽري کي خط لکيو آهي جنهن ۾ ٽي جنوري 2024 تي سپريم ڪورٽ جي آرڊر جي پيرا 11 جو حوالو ڏنو ويو آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ جي حڪم تي لکت ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سياحت کاتي پاران ڪراچي ۾ موٽرسائيڪل ۽ سائيڪل ريلي منعقد ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي کان چوکنڊي تائين سائيڪل ريلي جو اهتمام ڪيو ويو: ارشد ولي محمد

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ٽوئرزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ڪراچي ۾ 2 مختلف ريليون منعقد ڪري رهي آهي جنهن ۾ 30 هيوي بائيڪ سوار ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

حڪومت ۾ اچي ملازمن جون پگهارون ڊبل ڪنداسين: خورشيد شاهه

ذوالفقار علي ڀٽو جو اڌ ۾ ڇڏيل مشن مڪمل ڪنداسين، طاقت جو سرچشمو عوام آهي

ماضي ۾ عوام کان پڇيو نه ويندو هو ڪنهن کي نمائندو بڻايون، ڪمشنر کان پڇي نمائندا چونڊيا ويندا هئا

بجلي جو مسئلو آهي، سولر پينلز ذريعي مفت بجلي ڏينداسين، اسان چاهيون ٿا ته رياست مضبوط ٿئي

سکر (م د) پ پ جي سينيئر اڳواڻ سيد خورشيد شاهه چيو آهي ته ماضي ۾ ڪمشنر کان پڇي نمائندا چونڊيا ويندا هئا. ملازمن جون پگهارون ڊبل ڪيون وينديون. سکر ۾ چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي خورشيد شاهه چيو ته جيڪو مشن ذوالفقار علي ڀٽو اڌ ۾ ڇڏيو هو اهو اسان مڪمل ڪنداسين. هن چيو ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي. ماضي ۾ عوام کان پڇيو نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21



لياري گينگ وار جو اهم ڪمانڊر زرين عرف ريحان پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي پراڻا گولي مار ۾ لياري گينگ وار ۽ منشيات نيٽورڪ جو اهم ڪمانڊر زرين عرف ريحان پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو آهي. ايس ايس پي ڪياماڙي عارف اسلم رائو مطابق گذريل رات ڳجهي اطلاع تي جهان آباد ۾ جوابدار ۾ تاڙ ڪري گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

مون کي ناڻي وارو وزير بنائڻ لاءِ پارٽي کي بلاول سان صلاح مشوري جي ضرورت ناهي: اسحاق ڊار

بلاول ڀٽو زرداري جي بيان تي افسوس آهي، ليول پلئينگ فيلڊ نه ملڻ جا ڪي ثبوت آهن ته پيش ڪريو

ايران سان ويجها لاڳاپا آهن پر هي واقعو ڳڻتي جوڳو آهي، پاڪ فوج بهادري سان حملي جو جواب ڏنو ۽ ميسيج ڪليئر آهي

ڪمزور پارٽيون شرمساري کان بچڻ لاءِ چونڊن کان اڳ ئي پنهنجو بيانيو بڻائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون: انٽرويو ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (م د) ن ليگ جي سينيئر اڳواڻ اسحاق ڊار چيو آهي ته مسلم ليگ ن کي مون کي ناڻي وارو وزير بنائڻ لاءِ بلاول سان صلاح مشوري جي ضرورت ناهي. بلاول ڀٽو زرداري جي بيان تي افسوس آهي، جنهن جو جواب ڏيڻ پسند نه ٿو ڪريان، ليول پلئينگ فيلڊ نه ملڻ جا ڪي ثبوت آهن ته پيش ڪريو، پاڪ فوج بهادري سان ايران جي حملي جو جواب ڏنو آهي ۽ ميسيج ڪليئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

صدر کي شفاف اليڪشن لاءِ سپريم ڪورٽ کي خط لکڻ گهرجي: بئريسٽر گوهر خان

بلاول ڀٽو پرچي جي ذريعي پ پ چيئرمين بڻي، پيپلزپارٽي ۽ نوازليگ به انٽرا پارٽي اليڪشن ناهي ڪرائي

آمريڪي سفير سميت ڪنهن سفارتڪار عمران خان سان جيل ۾ ملاقات ناهي ڪئي، هو ڪنهن سان ڳالهين جي موڊ ۾ ناهي

ڪير به عمران سان ڊيل ڪرڻ جي جرئت نٿو ڪري سگهي ٿو، پوري ٽيم کان پوءِ اندر 19 رانديگرن کي به نه پيو کيڏڻ ڏنو وڃي

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ جي اڳواڻ بئريسٽر گوهر خان صدر کان موجوده صورتحال تي ڪردار ادا ڪرڻ جي گهر ڪندي چيو آهي ته ڊاڪٽر عارف علوي کي شفاف اليڪشن لاءِ سپريم ڪورٽ کي خط لکڻ گهرجي. خانگي ٽي وي سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ جي اڳواڻ چيو ته صدر شفاف اليڪشن لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ۽ ڪيس سپريم ڪورٽ کي خط لکڻ گهرجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪوئيٽا: نيشنل پارٽي جو اڳواڻ عبدالمالڪ بلوچ پريس ڪانفرنس ڪندي

وڪيل لطيف کوسو ۽ شهباز کوسو، عمران خان جو ڪيس نه وڙهندا

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني عمران خان قومي احتساب بيورو (نيب) 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ پنهنجا وڪيل تبديل ڪري ڇڏيا، عمران خان 190 ملين پائونڊ ڪيس مان وڪيل لطيف کوسي ۽ شهباز کوسي کي ڌار ڪري ڇڏيو ڪيس ۾ ڀهريان لطيف کسو، شهباز کوسو، عثمان گل ۽ سلمان اڪرم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

دعا آهي ته الله منهنجي ڌيءَ کي نواز شريف جهڙو مڙس ڏئي: خواجه عمران نذير

ماڻهن کي چورچئي پاڻ سپ کان وڏو چور بڻجڻ وارو ليڊر نه گهرجي

عمران خان هڪ ڪروڙ نوڪريون ۽ 50 گهر ڏنا هجن ها ته مان ان کي سلام ڪيان ها

لاهور (م د) نوازليگ اڳواڻ خواجه عمران نذير ڌيءَ جي لاءِ نواز شريف جهڙو مڙس ملڻ جي دعا ڪئي آهي. لاهور جي قومي اسيمبلي جي ٽڪ اين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

فضائي حملن مان ظاهر ٿئي ٿو ته خطي ۾ ايران کي پسند نه ٿو ڪيو وڃي: آمريڪي صدر

مون کي خبر نه آهي ته پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال هاڻي ڪهڙي پاسي وڃي ٿي

ڳالهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ان سموري صورتحال ۾ ڪهڙي اڳڀرائي ٿئي ٿي

آمريڪا پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ اضافو نه ٿو ڏسڻ چاهي: جاري ڪيل بيان

نيو يارڪ (م د) آمريڪي صدر جو بائيڊن پاڪ - ايران ڇڪتاڻ تي بيان ڏنو آهي ته فضائي حملن مان ظاهر ٿئي ٿو ته خطي ۾ ايران کي پسند نه ٿو ڪيو وڃي. وائيٽ هائوس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي آمريڪي صدر چيو ته مون کي خبر نه آهي ته پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال هاڻي ڪهڙي پاسي وڃي ٿي، اها ڳالهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ان سموري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪاٺوٽ لڳ ڪوريجا موڙ وٽ انڊس هاءِ وي تي ٽن گاڏين جو حادثو، 5 فوت، ڪيترائي زخمي

ڪاٺوٽ (رپورٽر) ڪاٺوٽ لڳ ڪوريجا موڙ وٽ انڊس هاءِ وي تي ڄامشورو کان مانجهند طرف ويندڙ ڪار ڊاڍو ڪان ڄامشورو ويندڙ وين ۽ ٽرڪ وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر ٿي پيو. ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ ٽن سالن جي ٻارڙي هڪ عورت ۽ ٽن مردن سميت 5 ڄڻا ٿلهي تي ئي فوت ۽ جڏهن 10 کان وڌيڪ مسافر زخمي ٿي پيا. ٽنهي گاڏين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

دوحا: نگران وفاقي صلاحڪار جواد سهراب ملڪ قطر جي گهرو وزير سان ملاقات ڪندي

ڄامشورو: ڦر مزاحمت تي ڊرائيور قتل، ٽرانسپورٽرن جو ڌرڻو

ٽول پلازه پرسان ايم نائن موٽر وي تي هٿياربندن جي ڪٽڪ سان پريل ٽرالر کان ڦر ڪرڻ جي ڪوشش

مزاحمت تي هٿياربندن ٽرالر ڊرائيور پنجاب واسي اعجاز ٻٽ يوسف کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو ۾ ڦر دوران مزاحمت تي هٿياربندن ڊرائيور کي قتل ڪري ڇڏيو ٽول پلازه پرسان ايم نائن موٽر وي تي هٿياربندن ڪٽڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پي سي بي مئنيجمينٽ ڪميٽي جي سربراهه عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

اهڙي ماحول ۾ اسان لاءِ وڌيڪ ڪم ڪرڻ ممڪن ناهي : ذڪا اشرف

لاهور (م د) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ مئنيجمينٽ ڪميٽي جي سربراهه ذڪاء اشرف عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. ذڪاء اشرف پي سي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام ڪوٽ: ٿرڪول بلاڪ ون جي متاثرين سان ڪمپنين جو ڏاڍايون جاري

شهنگائي ۽ سائينو سنڌ ڪمپنين متاثرين ڳوٺاڻن سان ظلمن ۽ زيادتين جي حد ڪري ڇڏي

متاثر ٽيندڙ ڳوٺ وروائي ۽ تلوابو جا ماڻهو ڪمپنين جي ويل ۾ اچي ويا، اختيارين ڪا به واهر نه ڪئي

اڄ کان احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيون ٿا، روزاني بنيادن تي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪبو: مظاهرين

اسلام ڪوٽ: ٿرڪول جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ٿرڪول بلاڪ ون جي متاثرين سان ڪمپنين جو ڏاڍايون، ڊمپنگ جي مٽي ۽ چوڙ ٽيندڙ پائي ڳوٺ ۾ دانهون ڪندڙن کي للڪي وڃڻ ۽ ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون، ڊپٽي سي او ۽ سڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سنڌ دشمن ماڻهن کي اليڪشن ۾ عبرتناڪ شڪست ملندي: امير بخش جروار

سموري سنڌ ۾ پيپلزپارٽي جا نمائندا اقتدار ۾ رهيا آهن سنڌ جي زمينن جو سودو ڪيو آهي

ڪرپشن مهانگائي لاقانونيت نوڪرين جو پئسن تي وڪرو سميت مرضن جي ورچاڙهي ڇڏيو آهي

جهڏو (رپورٽر) گذريل 15 سالن کان پيپلزپارٽي سنڌ ۾ حڪمراني ڪئي آهي، سموري سنڌ ۾ پيپلزپارٽي جا نمائندا اقتدار ۾ رهيا آهن انهن 15 سالن ۾ پيپلزپارٽي سنڌ جي زمينن جو سودو ڪيو آهي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪندڙ ڊجيٽل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو جي ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي

قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار اڳوڻي ايم پي اي سردار چانڊيو، برهان چانڊيو ۽ ان وقت جو ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو به عدالت ۾ پيش ٿيا

ٽن گهرڀاتين جي قتل ڪيس کي 6 سال مڪمل ٿي ويا آهن پر هن وقت تائين انصاف نه ٿي سگهيو آهي: امر رباب چانڊيو

6 سالن کان انصاف جا منتظر آهيون عدالت تي يقين آهي انصاف ملندو، اميد آهي ته انصاف ضرور ملندو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي جج حسن علي ڪلوڙ جي عدالت ۾ امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين ذاڪر ڪرم چانڊيو والد مختيار چانڊيو، چاچي قابل چانڊيو جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو: امر رباب چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

نوشهروفيروز پوليس جي ٻن شهيد اهلڪارن سميت 154 ڪانسٽيبلن کي سينيئرٽي جي بنياد تي اينڊڙ سطح تي ترقي ڏني وئي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ايس ايس پي آفيس نوشهروفيروز ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪاميٽي، نوشهروفيروز پوليس جي ٻن شهيد اهلڪارن سميت 154 ڪانسٽيبلن کي سينيئرٽي جي بنياد تي اينڊڙ سطح تي ترقي ڏني وئي، پروموشن حاصل ڪندڙ آفيسرن کي ايجنڊا ڏني مبارڪون ڏنيون ريون، تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گهارو شهر مان امن جو پکي اڏامي ويو، ٻن واپارين کان ڦر

ڏينهن ڏٺي جو هڪ واپاري کان ڦرجي ڪوشش دوران واپاري مزاحمت ڪري هڪ ڦورو هٿيڪو ڪري ورتو

اطلاع تي پوليس نه پهتي، واپارين ۽ شهرين ڦورو کي ٽائي تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

واپاري ۽ شهري پنهنجي مدد پاڻ تحت پنهنجي حفاظت ڪرڻ لڳا پوليس جي رٽ مڪمل طور تي ختم ٿي وئي

گهارو (رپورٽ: بشام جوکيو) گهارو شهر مان امن جو پکي اڏامي ويو، 24 ڪلاڪن ۾ ٻن واپارين کان ڦرجي وارادات هڪ واپاري کان هٿيار جي زور تي رات دير سان 3 لک رپيا ڦري فرار ٿي ويا جڏهن ته ڏينهن ڏٺي جو هڪ واپاري کان ڦر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر: چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي نائب صدر چونڊجڻ تي بلال وقار جي اعزاز ۾ تقريب

سکر چيمبر جي ميمبرن، شهر جي واپاري تنظيمن ۽ سنڌ جي سمورن چيمبرن جو ٿورائتو آهيان: بلال وقار خان

ايف پي سي سي آءِ جي آفيسرن ۾ ڪم ڪرڻ جو وڏو جذبو آهي، حلقن جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏينداسين

ميمبر، بينڪرز اعجاز شيخ، نصير شيخ، واپاري تنظيمن جا نمائندا شامل هئا، جنيد شيخ، ظهير پٽي ۽ ٻيا ڪيترائي شامل هئا

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) فيڊريشن آف پاڪستان چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

THE SUKKUR CHAM
OF
COMMERCE & INDUS
سکر: چيمبر آف ڪامرس جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

شڪارپور ۾ شيعه علماءِ ڪائونسل جي اڳواڻن ۽ سمورن امام بارگاهن جي متولين جي گڏجاڻي ٿي گذري

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شيعه علماء ڪائونسل جي اڳواڻن ۽ سمورن امام بارگاهن جي متولين مسجدن جي پيش امامن ۽ شيعه عالمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺٽي ۾ اليڪشن ڪميشن پاران چونڊ انتظامن بابت تربيتي ورڪشاپ شروع

اليڪشن ڪميشن پاران ٺٽي ضلعي ۾ 425 پولنگ اسٽيشنن ۾ 1516 پولنگ بوٿ قائم ڪيا ويا

سموري عملي جي تربيت وارو پروگرام شروع ٿي ويو آهي، جيڪو 29 جنوري تائين جاري رهندو: اليڪشن ڪميشن

چونڊن دوران پوليس سان گڏ رينجرز ۽ پاڪ فوج جا جوان پڻ حساس پولنگ اسٽيشنن تي مقرر ڪيا ويندا

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن ۾ ٺٽي ۾ اليڪشن ڪميشن پاران چونڊ انتظامن کي حتمي شڪل ڏيندي عملي جي تربيتي ورڪشاپ شروع ڪري ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن پاران ٺٽي ضلعي ۾ 425 پولنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شڪارپور پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن پنهنجي عهدي جو حلف کڻي ورتو

تقريب جو مهمان خصوصي اڳوڻو صوبائي وزير امتياز احمد شيخ ۽ اعزازي مهمان اڳوڻو ضلعي ناظم شڪارپور محمد عارف خان مهر هو

نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو ته هو شڪارپور جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ ڪردار ادا ڪندا: امتياز شيخ

8 فيبروري تي ڪاميابي ۽ مخالفن جي شڪست جو ڏينهن آهي، ناظمي دور ۾ عوام جي خدمت ڪئي آهي: محمد عارف خان مهر

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن پنهنجي عهدي جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور: پريس ڪلب جا نوان عهديدار حلف کڻي رهيا آهن

دادو سول اسپتال جي اڳوڻي ايم ايس جي مبينا اغوا جو ڊراپ سين، هاٿوڪي ايم ايس ۽ ڊاڪٽر تي لڳل الزام بي بنياد ثابت ٿي ويا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو سول اسپتال دادو جي اڳوڻي ايم ايس جي مبينا اغوا جو ڊراپ سين هاٿوڪي ايم ايس ۽ ڊاڪٽر تي لڳل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

راشد ملاح کي مبينا مقابلو ڏيکاري بيدردي سان قتل ڪرڻ جي مذمت ڪيون ٿا: ڏاڏا آدم گندرو

ڪجهه وقت اڳ هڪ بااثر پمپ مالڪ جي ڏنل ديوار ڪرڻ سبب ان جي هيٺان اچي دٻجي فوت ٿي وئي هئي

راشد ملاح پنهنجي معصوم شهيد نياڻي جي خون سان انصاف ڪرائڻ لاءِ در در دانهون ڪندي عدالتن تائين پهتو هو

پوليس راشد ملاح جي 3 عورتن سميت هڪ نوجوان پاڻيجي کي به گرفتار ڪري ورتو آهي، واهر ڪئي وڃي

ٺٽو (ٻ) سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ڏاڏا آدم گندرو، ضلعي ٺٽي جي صدر محمد ايوب ملاح، محمد خان ملاح، عبدالڪريم الهبخش ميراڻي، ڪامريڊ گل حسن ملاح، محمد عيدن ملاح، غلام قادر ملاح ۽ ٻين پاران حيدرآباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

غوثپور پوليس جي جڙتو مقابلي ۾ مارجي ويل شيخ برادري جي ٻن نوجوانن جو ڪيس داخل

ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايل پنجن مبينه پوليس اهلڪارن هرهڪ- هيڊ محرر عبدالله چنو، پي سي بخت علي سومرو ۽ ٻيا شامل

پي سي فياض جکراڻي، ضياالحق جکراڻي ۽ عبدالرشيد جکراڻي کي ايس ايس پي ڪشمور نوڪري کان معطل ڪرڻ جو آرڊر جاري ڪيو

جوابدارن گرفتار ڪيل مير خان شيخ ۽ اسد شيخ کي گرفتار ڪري سندن جي وارثن کان آزادي لاءِ 3 لک روپيا رشوت طلب ڪئي هئي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور، فالو اپ ٻارنهن مهينا اڳ غوثپور پوليس جي جڙتو مقابلي ۾ مارجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

غوثپور: مارجي ويل شيخ برادري جي ٻن نوجوانن جو فائيل فوٽو

ٽنڊو محمد خان جي نوجوان بنا جواز گرفتاري خلاف گهرڀاتين جون دانهون

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي نوجوان ٻي سيڪشن پوليس اسٽيشن جي ايس ايڇ او اهلڪارن جي گهر تي چڙهائي ڪرڻ ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

نوشهروفيروز جي ورڪرن ۽ جيالين آمر ضياءَ ۽ آمر مشرف جو مقابلو ڪيو آهي: ڊاڪٽر فاطمه شهناز انصاري

نوشهرو فيروز (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ ضلعي نوشهروفيروز جي صدر ڊاڪٽر فاطمه شهناز انصاري جي اڳواڻي ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي نوشهروفيروز واري آمد ۽ سنڌس رڪيل جلسي جي سلسلي ۾ انصاري هائوس تي تياريون زور شور سان جاري آهن ڊاڪٽر فاطمه شهناز انصاري پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته پاڪستان پيپلزپارٽي جو چيئرمين اسان جو محبوب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

اين اي 209 ۽ پي ايس 40 تي ورڪ مهم جاري

خاصخيلي اتحاد جي ضلع صدر عبدالرحمان خاصخيلي ۽ فقير وارث راڄڙ جي اڳواڻي ۾ ڪارنر گڏجاڻي ٿي

گڏجاڻي ۾ زوار راڄڙ، حاجي عبدالغفار ڪيريو، حبيب ڪيريو، فقير جان محمد جانوري ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

سانگهڙ (رپورٽر) اين اي 209 ۽ پي ايس 40 تي جي ڊي اي اڳواڻن پاران ورڪ مهم جاري ٽنڊو مٺاخان ۾ پلو خاصخيلي ۽ فقير حسين خاصخيلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽون ديرو پرسان ڪوهيڙي سبب موٽرسائيڪل ۽ ويگن جو ٽڪر، 4 زخمي

شديد ڪوهيڙي سبب ميتلا ڳوٺ کان موٽر سائيڪل ۽ ويگن جو ٽڪر ٿي پيو

حادثي سبب موٽرسائيڪل تي سوار 2 ٻارن ۽ هڪ عورت سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) شديد ڪوهيڙي سبب ٺٽون ديرو پرسان ميتلا ڳوٺ کان موٽر سائيڪل ۽ ويگن جو ٽڪر ٿي پيو جنهن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر: صحت کاتي جي فوڊ ٽيسٽنگ پاران ليب روهڙي جو دورو

عالمي ڊونر ايجنسين ۽ ايس ايف اي جي مدد سان ان کي اپ گريڊ ڪيو ويندو: آغا فخر حسين

هوٽل جي ڪچن جو دورو ڪيو ۽ ان کي ايس او پيز موجب مڪمل طور تي برقرار رکيو ويو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي ڊائريڪٽر فنانس مسعود پٺو ۽ ڊاڪٽر شڪور احمد جي سربراهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر: فوڊ ٽيسٽنگ جا عهديدار دورو ڪري رهيا آهن

هن دفعي ڪرپشن ڪندڙن کي شڪست نصيب ٿيندي: محمد علي ابڙو

پ پ جي 15 سالہ حڪمراني تاريخ جي ناقص حڪمراني ثابت ٿي، اسپتالون روڊ رستا تباهه آهن

انشاءَالله هن دفعي عوام جي طاقت سان دمادم مست قلندر ڪنداسين

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) پي ايس 10 رتوديرو جو عوام شعور رکي ٿو هن دفعي ڪرپشن ڪندڙن کي شڪست نصيب ٿيندي پي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو ۾ تحريڪ لبيڪ ڪارڪن ڦوٽو خان زرداري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

اڳواڻن حافظ راشد، مشتاق احمد، نعمت الله شاهاڻي، بشير احمد ڪوڪر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڦوٽو زرداري جي قتل ڪيس ۾ روپوش پيپلزپارٽي جي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي: مظاهرين

دادو (ن سنڌيان) قاضي احمد ۾ قتل ڪيل تحريڪ لبيڪ ڪارڪن ڦوٽو خان زرداري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽون ڪوٽ ۾ ڳوٺاڻن پاران واپڊا ملازم خلاف احتجاج

فدا ڪپري تالهي مختلف ڳوٺن ۾ رشوت عيوض ڪنڊا لڳرائي ٿو: مظاهرين

بجلي چوري سبب وٽ 18 ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ رهي ٿي، نوٽيس ورتو وڃي

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ ۾ ڳوٺاڻن پاران واپڊا ملازم خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو، ٺٽون ڪوٽ پرسان تعلقي ڪنري جي ڳوٺ پائي خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽنڊو محمد خان ۾ تحريڪ لبيڪ پاران احتجاج

نوابشاهه ۾ هٿياربندن هٿان قتل ٿي ويل ڪارڪن ڦوٽو زرداري جي قتل خلاف احتجاج ڪيو ويو

پوليس جوابدار گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي: مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان ۾ تحريڪ لبيڪ پاران نوابشاهه ۾ هٿياربندن هٿان قتل ٿي ويل ڪارڪن ڦوٽو زرداري جي قتل واري واقعي خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽون ديرو پرسان فريال ٽالپر پاران تعزيت

اڳوڻي ايم پي اي مرحوم اطهر حسين چچڙ جي وفات تي تعزيت ڪئي

ڳوٺ پنجو ديرو ۾ سيڪيورٽي جا انتظام سخت رکندي پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر پي ايس 10 تڪ جي اميدوار اڳوڻي ايم پي اي فريال ٽالپر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽون ديرو: اڳوڻي ايم پي اي فريال ٽالپر تعزيت ڪري رهي آهي

پيرپٺو پوليس ڦورن هٿان ڦريل موٽر سائيڪل هٿ ڪري ورتي

موٽر سائيڪل پيرپٺو پوليس برآمد ڪرائي موٽر سائيڪل مالڪن حوالي ڪري ڇڏي

موٽر سائيڪل ڪجهه ڏينهن اڳ پرير ڪمار ٽکر کان ڦرتي، جنهن جي ڏتين سڃاڻپ ڪئي

ٺٽو (ٻ) 12 ڏينهن اڳ پيرپٺو پرسان ڦورن هٿان ڦريل موٽر سائيڪل پيرپٺو پوليس برآمد ڪرائي موٽر سائيڪل مالڪن حوالي ڪري ڇڏي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ووٽ هڪ قيمتي هٿيار آهي: اشفاق احمد ميمڻ

ووٽ سوچي سمجهي قومي ۽ اجتماعي مقصدن خاطر استعمال ڪرڻ گهرجي

منهنجي والد خليفه عبدالله ميمڻ جون بدين واسين لاءِ ڪيل خدمتون ڪنهن کان لڪل ناهن

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ووٽ هڪ قيمتي هٿيار آهي جيڪو سوچي سمجهي قومي ۽ اجتماعي مقصدن خاطر استعمال ڪرڻ گهرجي آئون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٺٽون ديرو جماعت اصلاح المسلمين برانچ مدينه مسجد جي چونڊ

صدر خليفا مولانا غلام شبير شيخ طاهري، نائب صدر راجا محمد سليم ڪلهوڙو طاهري مقرر

جنرل سيڪريٽري حافظ علي حيدر ناريجو طاهري، جوائنٽ سيڪريٽري حافظ نعمت الله ڪريو طاهري ٿي ويا

ٺٽون ديرو (رپورٽر) ٺٽون ديرو جماعت اصلاح المسلمين برانچ مدينه مسجد جي سليڪشن 2024 ڪئي وئي، جيڪا جماعت اصلاح المسلين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

”ڌيءُ پيدا ڪئي اٿئي“ ٽنڊو محمد خان جي ناري کي مڙس گهران ڪڍي ڇڏيو

مڙس نياڻي جي اولاد ٿيڻ تي ناخوش ٿي 4 مهينن جي نياڻي سميت گهر مان زبردستي مارڪٽ تشدد جو نشانو بڻائي نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي: مسڪان

هاڻي منهنجي زندگي عذاب ٿي رهي آهي، مونکي پنهنجا مٽ مائٽ مذهب تبديل ڪرڻ جي ڪري گهر ۾ اچڻ جي اجازت ڏيڻ کان روڪي رهيا آهن

پيٽ گذراڻ توڙي معصوم نياڻي جي کاڌ خوراڪ لاءِ به پريشان آهيان نياڻي جي لاءِ کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪرايو وڃي ۽ ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي نوجوان ناري پنهنجي مڙس تي نياڻي جي اولاد ڪانپڻ گهر مان نيڪالي ڏيڻ تي اعليٰ اختيارين کان مڙس جي ڪيل ناانصافي تي ڪيس داخل ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي، خبر موجب ٽنڊو محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊو محمد خان: متاثر ناري ڪرن مڙس خلاف پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

گهوٽڪي واسي نوجوان مغوي حافظ صفي الله مهر کي ڪشمور پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور 2 مهينا اڳ ڪرمپور ٽائي جي حد مان نامعلوم هٿياربندن پاران گهوٽڪي واسي نوجوان مغوي حافظ صفي الله مهر کي ڪشمور پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي مغوي جا وارث سخت پريشان ايس پي ڪشمور بشير احمد بروهي آفيس ۾ ملڻ لاءِ به تيار ناهي آخر مجبور ٿي ڪري قرآن پاڪ کڻي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊي ڄام پرسان رهوسين پاران احتجاج جاري

ممتاز بلوچ، ڪائونسلر نعيم بلوچ، جان محمد بلوچ ۽ ٻين ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڏيتا برادري جي ماڻهن اسان جي ڳوٺاڻن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين جون دانهون

اسان تر جي چڱن مڙسن کي دانهون ڏنيون آهن مگر ڪو به تدارڪ نٿو ڪيو وڃي

ٽنڊوڄام (رپورٽر) ٽنڊي ڄام پرسان ڳوٺ حاجي محمد صالح بلوچ جي رهواسين ڏيتا برادري جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، انهي موقعي تي ممتاز بلوچ، ڪائونسلر نعيم بلوچ، جان محمد بلوچ ۽ ٻين ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪوهستاني پٽي جي زمينن تي ٿيندڙ غيرقانوني قبضا توڙي والارون ختم ٿي نه سگهيون، احتجاج

ڪوهستاني ڳوٺ صوفن جاکرو جي ڪيترن ئي متاثر رهواسين بااثر ماڻهن جي زيادتين توڙي زمينن تي قبضن خلاف سخت احتجاج ڪيو

ڳوٺ صوفن جاکرو نوري آباد جي صنعتي زون واري علائقي ۾ واقع آهي، ٻاهران چوطرف چوديوارن ۽ فيڪٽريون لڳي ويون آهن: مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي قديمي ڳوٺ صوفن جاکرو جي زمين تي ٿيل قبضو خالي ڪرائي ڳوٺاڻن سان انصاف ڪري تحفظ مهيا ڪيو وڃي

ٺٽو: ڪوهستان جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽو (ٻ) ڪوهستاني پٽي جي زمينن تي ٿيندڙ غيرقانوني قبضا توڙي والارون ختم ٿي نه سگهيون، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

روهڙي پرسان اروڙ واٽر سپلاءِ مان اٽچاتل چور 30 لک روپين جون واٽر سپلاءِ واري موٽر چوري ڪري فرار ٿي ويا

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي پرسان اروڙ واٽر سپلاءِ مان اٽچاتل چور 30 لک روپين جون واٽر سپلاءِ واري موٽر چوري ڪري فرار ٿي ويا، علائقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊي ڄام ۾ قائم مذهبي مدرسي جي مالڪي تان هلندڙ مڪراڻي ۽ ڏيتا برادري ۾ تڪرار تيز

پوليس جي عملدارن نوٽس ورتو، مدرسي جي زمين تي پهچي جائزو ورتو، مڪراڻي برادري کي جلد انصاف فراهم ڪرڻ جي خاطري

ڳوٺ حاجي محمد صالح بلوچ ۾ مدرسي جي زمين تي ڪجهه ڏينهن کان هلندڙ تڪرار واريون خبرون هلڻ جو پوليس نوٽيس ورتو

مدرسي جو معاملو جلد حل ڪيو ويندو ۽ اڳرائي ڪندڙ ڌر کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو: ڊي ايس پي

ٽنڊوڄام (رپورٽر) ٽنڊي ڄام ۾ قائم مذهبي مدرسي جي مالڪي تان هلندڙ مڪراڻي ۽ ڏيتا برادري وچ ۾ هلندڙ تڪرار جو پوليس جي عملدارن نوٽس ورتو، مدرسي جي زمين تي پهچي جائزو ورتو، مڪراڻي برادري کي جلد انصاف فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائيندي مسئلو حل ڪرڻ جو اعلان ڪيو، ڳوٺ حاجي محمد صالح بلوچ ۾ مدرسي جي زمين تي ڪجهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

خدا عوام سجاڳ ٿي پنهنجا حق ڄاڻي، پ پ عوام جي خدمت نه ڪئي: سائره بانو ڪليم وساڻ

15 سالن تائين اقتدار جا مزا ماڻيندڙ ٽولو عوام جي خدمت ڪري ها ته هينئر پنهنجي اليڪشن مهم دوران ورڪ لاءِ بلاول زرداري ۽ سندس ڀيڻ کي نه گهرائين ها

ايئن رڳو 5 سال جي ڊي اي جي حڪومت هجي ها ته هينئر ووٽن جي ورڪ لاءِ نڪرڻ جي ضرورت ئي نه پوي آهي، عوام جي محبت ڏسي يقين ٿي ويو آهي

پير سائين پاڳارا جا نامزد ڪيل اميدوار وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندا، انشاءَالله سانگهڙ ضلعي کي هڪ ڀيرو ٻيهر پير پاڳاري جو قلعو بڻائينداسين

شهدادپور (رپورٽر) سانگهڙ ضلعي جي قومي تڪ اين اي 210 جي ڊي اي طرفان نامزد اميدوار سائره بانو ڪليم وساڻ چيو آهي ته پيپلز پارٽي هاڻي ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد راڻي واري پارٽي ناهي رهي، 15 سالن تائين اقتدار جا مزا ماڻيندڙ ٽولو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو ۾ ڊي آءِ جي جيل خاناجات حيدرآباد محمد ناصر خان پاران ڊسٽرڪٽ جيل جو دورو

ڊي آءِ جي جيل خاناجات حيدرآباد محمد ناصر خان کي ايف سي ۽ دادو جيل پوليس جي جوانن سلامي ڏني

ضلعي جي جيل ۾ وڻ ڪاري مهم کي ڪامياب بڻائڻ لا اسان سڀني کي عمل ڪرڻ گهرجي: ڊي آءِ جي جيل

جيل اندر هر سال نوان وڻ پوکڻ ۽ انهن جي پالنا ڪرڻ گهرجي، هر انسان ذات، کي اهو احساس عادت وجهڻ گهرجي

دادو: آءِ جي جيل ۽ ٻيا ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڊي آءِ جي جيل خاناجات حيدرآباد محمد ناصر خان دادو ڊسٽرڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

گهارو ۾ دڪان تان نامعلوم هٿياربند هٿيار جي زور تي 3 لک روپيا ڪيش رقم ڦري ويا

ٺٽو (ٻ) آل سنڌ پيپلز پيراميڊيڪل اسٽاف تعلقه ساڪرو جي صدر راڪيش شرما جي ننڍي ڀاءُ مهيش شرما جي گهارو شهر ۾ قائم ايزي لوڊ جي دڪان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڏهرڪي: ميرپور ماٿيلو ۾ ڪاسائي برادري جي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش، انصاف جي گهر

متاثر ڪاسائي برادري پاران پريس ڪلب آڏو احتجاج، ايس ايس پي گهوٽڪي کان انصاف جو مطالبو

پلاٽ اسان جو آهي، بااثرن جي زور تي پلاٽ تي قبضو ڪري اڏاوت شروع ڪري رهيا آهن: مظاهرين

پلاٽ تان قبضو ختم ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ڏهرڪي (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ۾ قبضا مافيا جو ڏاڍ، قبضا مافيا جي ڪارندن پاران پراڻي مارڪيٽ ۾ ڪاسائي برادري جي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش، متاثر ڪاسائي برادري پاران ميرپور ماٿيلو پريس ڪلب آڏو احتجاج، ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر جي شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج جاري

سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ کان سنڌ حڪومت ۽ پوليس خاموشي تي نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪئي وئي

صحافي عدم تحفظ جو شڪار آهن، ميڊيا ادارن مان صحافين جون جبري برطرفيون ڪري معاشي قتل عام جاري آهي: مظاهرين

ايف آئي آر ۾ نامزد ڪيل جوابدار اڃا تائين آزاد آهن ۽ پوليس پنهنجي روايتي خاموشي برقرار رکي ويٺي آهي

سکر: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي عهديدارن جي چونڊ، صدر حافظ ڪريم بخش مري بڻجي ويو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون 1 پاران ضلعي سينيئر نائب صدر عبدالرزاق ڪوسو طاهري، جنرل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

شڪارپور ۾ ڊي او پرائمري کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي

پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ۽ پريس ڪلب اڳيان سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

چئنيهه ڪلاڪ گذرڻ باوجود ڪو به تدارڪ نه ٿيو آهي، ڪير ٻڌڻ وارو ناهي: مظاهرين

هن محل تائين آفيس رڪارڊ ليپٽاپ موبائيل فونز ڪلتس ڪار ۽ روڪ رقم پوليس واپس ناهي ڪرائي سگهي

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور ۾ ڊي او پرائمري کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ۽ پريس ڪلب اڳيان سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ڳڙهي ياسين پرسان نوشهرو ابڙو وٽ هاوي انڊس روڊ تي نامعلوم هٿياربندن هٿان تعليم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 20 جنوري 2024ع

ايران جي ابهرائي ڪنهن کي فائدو ڏيندي؟

ايران نه صرف پاڪستان جو پاڙيسري ملڪ آهي، پر اهو برادر اسلامي ملڪ پڻ آهي. پاڪستان سان ايران جا ويجها ۽ پائيدار لاڳاپا رهندا آيا آهن ۽ پاڪستان هر ڏکيءَ وقت ۾ ايران جو پرجهلو ٿي بيٺو آهي. البته ايران تي مختلف ملڪن سان پراڪسيز ذريعي سگ اتڪائڻ ۽ ڪٿونس ڪرڻ جا الزام لڳندا رهيا آهن. هن ڀيري به ان پاڪستان جي خودمختياري ۽ عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندي پنجگور (بلوچستان) جي هڪڙي ڳوٺ تي حملو ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ٻارڙيون مارجي ويون ۽ ٽي زخمي ٿي پيون آهن. پاڪستان ايران سان سفارتي لاڳاپا ختم ڪندي ايراني سفير کي نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي، جڏهن ته پاڪستاني سفارتي عملي کي واپس گهرايو ويو آهي. ايران سان اعليٰ سطحي دورن کي به ختم ڪيو ويو آهي. ايراني اڳرائيءَ ڪانپوءِ پاڪستان به ايراني سرحد اندر انٽيليجنس جي بنياد تي ايران جي صوبي سيستان ۾ ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو آهي. پاڪستان جي پرڏيهي کاتي طرفان چيو ويو آهي ته. آپريشن ايران خلاف نه پر ايران اندر موجود دهشتگردن خلاف آهي. پاڪ- ايران ڇڪتاڻ ڪانپوءِ صورتحال وڌيڪ خراب ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ چين ٻنهي ملڪن کي تياڪڙيءَ جي آڇ ڪندي کين ابهرائيءَ کان ڪم نه وٺڻ جي صلاح ڏني آهي. ايران طرفان پاڪستان ۾ بلوچستان واري علائقي پنجگور ۾ ڪيل حملي جي نتيجي ۾ جيڪا ڇڪتاڻ وڌي آهي، اها ٻنهي ملڪن ۽ انهن جي عوام توڙي خطي جي امن جي مفاد ۾ نه آهي. ايراني حملن ڪانپوءِ پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ سفارتي لاڳاپا ختم ٿيڻ به ٻنهي ملڪن جي مفاد ۾ نه آهي. پاڪ- ايران ڇڪتاڻ جي ڪري اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ پاڙائي رهي ۽ سيڙپڪارن جا اربين رپيا ٻڏي ويا. پاڪستان ان ڇڪتاڻ جي ڪري پرڏيهه مان ايندڙ اڏامن جي سخت مانيٽرنگ شروع ڪري ڇڏي آهي، جيڪو پاڪستان سيڪيورٽي مقصدن لاءِ ضروري سمجهي ٿو.

هن خطي تي جنگين جا ڪارا ڪڪر ڇانيل رهيا آهن. ڪڏهن افغانستان ۾ امپورٽ ٿيل انقلاب کي ناڪام بنائڻ واري آمريڪي مفادن جي جنگ ۾ هتان جي ڪتابين واري نرسرين مان ويڙهاڪ تيار ڪري موڪليا وڃن ٿا. انهن کي تاتي پالي، مڃائي موڙ ڪري "وار لارڊز" پيدا ڪيا وڃن ٿا. جن جي ڏاڻن تي لڳل رت کين چين سان ويهڻ نٿو ڏي. ڪڏهن وري آمريڪي ميزائل افغانستان جي جبلن کي ڪنهن جنڊ آهوڙي جيان چچريندا رهيا هئا. ڪڏهن ايران کي آمريڪا ۽ ان جي ست بگهاڙي پابندين جي نالي ۾ سوڙهو ڪري ٿي. ڪڏهن ايرندين سرحد تان اڳرائي ٿئي ٿي ته ڪڏهن وري دهشتگرديءَ خلاف عالمي جنگ جي نالي ۾ آمريڪي مفادن جي جنگ وڙهڻ لاءِ اسان جي ملڪ کي جنگ جو ميدان بڻايو وڃي ٿو. هڪ طرف عالمي قوتن جي هشيءَ تي افغانستان اسان کي اکيون ڏيکارڻ شروع ڪري ٿو ته ٻئي طرف ايران به ڪٿونس ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ٿو. پاڪستان هن وقت مالي گهوٽالي جو شڪار آهي. انهن حالتن ۾ هڪ برادر اسلامي ۽ پاڙيسري ملڪ طرفان اڳرائي ڪري پاڪستان تي جنگ مڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ ڪنهن به ريت هن خطي جي امن لاءِ سٺا نتيجا نه آڻيندي. جنگ ڪنهن به ريت هن خطي جي مفاد ۾ نه آهي. ايران اڳ به آمريڪي پابندين کي ڀوڳي رهيو آهي. جنگ ان جي به مفاد ۾ نه آهي ۽ پاڪستان تي جنگ مڙهڻ جي ڪوشش سان ايران هڪ پاڙيسري ۽ برادر اسلامي ملڪ جي حمايت کان پاڻ کي محروم ڪندو

اصل ڳالهه اها آهي ته دهشتگردي هن خطي جي سڀني ملڪن جو مسئلو آهي. ان ڪري دانشمندي اها آهي ته گڏيل نموني سان دهشتگرديءَ کي منهن ڏيڻ جي حڪمت عملي جوڙڻ جي ضرورت آهي، باقي ڇڪتاڻ مسئلن جو حل نه آهي. هونئن به مسئلا محاذ بدران ميز تي حل ٿيندا آهن. معاملا هميشه ڳالهه ٻولهه سان حل ٿيندا آهن. ٻنهي ملڪن کي اهو سوچڻو پوندو ته ٻنهي برادر اسلامي ۽ پاڙيسري ملڪن ۾ تڪرار وڌائڻ ڪهڙين قوتن جي مفاد ۾ آهي! ان ڪري ايران ٻين قوتن جي هٿن ۾ کيڏڻ بدران نئون محاذ کولڻ کان پرهيز ڪري، اهو ئي هن خطي جي امن جي مفاد ۾ آهي.

دنيا عالمي جنگ جو شڪار..!!؟

رحمت الله ٻرڙو

دنيا جو اهو ارهه زورائي بداخلاقيءَ تي ٻڌل اصول رهيو آهي ته طاقتور ڪمزور تي چڙهت ڪندو رهيو آهي.!! اهو پل پنهنجو سڳو ڀاءُ ڇو نه هجي ننڍو طاقتور آهي ته وڏي تي چڙهت ڪندو ۽ جي وڏو طاقت ۾ آهي ته اهو به گهٽ نه ڪندو اها ڳالهه جڏهن هڪ ڀاءُ کان ٻي ڀاءُ تائين ايئن رهي ٿي ته پوءِ ڳوٺ جو ٻڇڙو وڏيرو هجي يا ڪو ارهه زورائي پاڙيسري ملڪ ڇو نه هجي. هن جديد دنيا جي اسرڻ ۽ سڌرڻ ڪانپوءِ به توڙي جو اسانجي هن هيڏي وڏي خوبصورت دنيا کي انساني سماج جي سهولت لاءِ جديد ٽيڪنالوجي کان ويندي انفارميشن ٽيڪنالوجي بعد وڻج واپار جي آسانيءَ تائين جدت پسند هائبرڊ جنسون کاڌ خوراڪ لاءِ مارڪيٽ ۾ اچي ويون آهن پر پوءِ به اهوئي قصو ته خوشحال ۽ طاقتور هڪ ڀاءُ وانگر پنهنجي ڪمزور ۽ شريف ڀاءُ تي ارهه زورائيءَ واري اصول تحت چڙهت ڪرڻ کان رڪجڻ ۽ شڪر ڪرڻ دنيا جا طاقتور حڪمران ناهن سکيا.!! ان حرص ۽ لالچ يا ڏاڍ مڙسيءَ دنيا ۾ هڪ هائيتال پيدا ڪري ورتو آهي ۽ ان هائيتال سبب دنيا ۾ سڪون ۽ امن و امان هڪ سواليه نشان جي صورت ۾ سامهون ٿي بيهي رهيو آهي. اهو سوال ايڏو وڏو ڏکيو ڪونهي جو چنجي ته ڪرڻ نٿو اچي سو ايئن ڪونهي.!! سوال اهو آهي ته دنيا جا بدمست حڪمران پنهنجي چڙهت واري انڌي گهوڙي تي سوار ٿي (THIRD WORLD WAR(ٽين عالمي جنگ)جو سبب بڻجي رهيا آهن.!!؟ سڀني ۾ زور آور بدمست آمريڪا ،اسرائيل، جرمني، برطانيا، فرانس، آسٽريليا کان ويندي پوري يورپ جو هڪ بلاڪ آهي جيڪو اهو مصلحتي خيال رکي دنيا جي وسيلن سان مالا مال ڪمزور ملڪ اهي آفريڪن هجن يا مڊل ايسٽ جا مسلم ملڪ توڙي جو ڪجهه يورپي مسلم ملڪ به هنن جي نشاني تي رهيا آهن.!! هيڏانهن رشيا جيڪا ڪنهن دور جي عالمي طاقت هئي هاڻي سويت يونين ته نه رهي پر جهوني شينهن وانگر وري هن وري دنيا ۾ ٽنگ اڙائڻ جهڙا معاملا پڻ شروع ڪيا آهن.!! اهڙي طرح سان چين دنيا جي معاشي عاملي طاقت جي ٻل بوتي تي سامهون اچي دنيا جو هڪ ٻيو نئون بلاڪ جوڙڻ جي ڪوشش ۾ گهڻو اڳتي نڪري آيو آهي جنهن بنياد تي هن رشيا کي پنهنجو اهم پارٽنر طور گڏ رکيو آهي. اهڙي نموني دنيا جي طاقتور عالمي دادگير آمريڪا پنهنجي يورپي بلاڪ کي ساڻ ڪري جيڪا مسلم ملڪن خصوصي طور سعودي ۽ خليجي ملڪن ۾ منصوبا بندي ڪندي پنهنجي عالمي بلاڪ ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ ڳٽ جوڙ ڪئي آهي سان هڪ ته ڪنهن کان لڪل ناهي رهي. ان هيڏي وڏي عالمي پونچال يا هائيتال نيو ورلڊ آرڊر جي عالمي معاهدن جي ساک جون ڌجيون اڏاري ڇڏيون آهن. جنهن ڪري هاڻي اوهان کي نيوورلڊ آرڊر تحت هلندڙ عالمي سماجي معاهدا.(New world Social Contract)پنهنجي اصليت يا اثر وڃائيندي نظر ايندا اهوئي سبب آهي ته دنيا هن وقت هڪ اهڙي سوچ جي پويان لڳي پئي آهي جنهن جي ڪا منزل نظر ڪونه ٿي اچي باقي ڊوڙ سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ پڻ آهي. اسان پنهنجي مضمونن ۾ اڳي به اهو لکندا آيا آهيون ته دنيا هن وقت نيو ورلڊ آرڊر مان نڪري نيوورلڊ ڊس آرڊر ۾ هلي رهي آهي جنهن جا نتيجا ڪي سٺا نظر ڪونه پيا اچن.!! گذريل نائين اليون جي واقعي کان به ڪجهه عرصو اڳ جڏهن دنيا جي عالمي طاقت سڏائيندڙ بدمست (يو ايس اي) متحده امريڪا سوچي نائين اليون جا سبب پئي ڳولهيا تڏهن کان اهو نيوورلڊ آرڊر پنهنجي آخري هڏڪين ۾ وڃي رهيو هو دنيا ڏٺو ته هي گذريل 24 سالن ۾ جيڪو به افغان وار کان ٿيندو عراق ،مصر مطلب Arab Spring)تائين ۽ هاڻي فلسطين جي جنگ کان ويندي يوڪرين ۽ يمن تي ٿيلن حملا پڌائين ٿا ته دنيا جو جو عالمي بدمست طاقتون جيڪي ٻن بلاڪن جي صورت اختيار ڪري اڳتي وڌڻ ڪانپوءِ پاڻ کي عالمي پس منظر ۾ بئلنس ڪرڻ طرف روان دوان پڻ آهن سي نيو ورلڊ آرڊر جون ڌجيون اڏاري ڇڪيون آهن. هاڻي دنيا جڏهن ٻن بلاڪن يعني هڪ امريڪا سميت يورپين بلاڪ جنهن کي امريڪا جي سربراهي پڻ آهي بشمول جرمني، برطانيه،فرانس کان ويندي آسٽريليا جهڙا ملڪ به ان جا اتحادي آهن ٻي طرف چين پنهنجي معاشي مفادن پٽاندڙ اپائن جي بنياد تي سامهون اچي پنهنجو هڪ عالمي دٻدٻو قائم رکڻ وارين ڪوششن ۾ رشيا کي پڻ گڏ ڪئي ايشيا ۾ فقط ڀارت يعني انڊيا سان اختلاف رکندي پاڪستان سميت ايران ۽ خليجي ملڪن کان ويندي ترڪيءَ تائين پنهنجي معاشي مفادن جي هڪ لڪير سي پيڪ پروگرام ۾ رکندي پاڙيسري ملڪن جتان هن کي لنگهه ملي ٿو اتحاد ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي جنهن سبب وچ ايشيا ۾ چين پنهنجو هڪ سٺو اثر رکي هڪ نئون عالمي بلاڪ ٺاهڻ جي ڪرشش ڪئي آهي. هاڻي جڏهن ان بنياد تي رشيا ڪانپوءِ چين کي پاڪستان جو هجڻ ۽ پاڪستان سان همالیه کان به مٿائين دوستي نڀائڻ سميت سامونڊي ۽ زميني لنگهه پڻ کپي پيو ته جيئن ان جي عالمي مارڪيٽ ۾ رسد سولي ۽ سستي ٿي بيهي. هاڻي جڏهن چين ۽ رشيا زميني لنگهه کان ويندي سامونڊي گرم پاڻيءَ واري لنگهه سبب اسان سان معاشي مفادن جي بنياد تي گڏ ٿيا ته وري ان جي مخالفت ۾ انڊيا ايران سان گوادر جو توڙ چاهه بهار جي سي پورٽ جي بنياد تي پڻ ڪيڏڻ چاهيو چين مخالفت ۽ پاڪستان مخالفت سبب. انهن ڳالهين کي سامهون رکي جڏهن اسان پنهنجي ملڪ جي رياستي ۽ عوامي توڙي ادارتي مفادن جو تعين ڪنداسين ته اسان کي پوري دنيا جي عالمي منظر نامي کي سامهون رکي پنهنجيون پاليسيون ناهٿيون پونديون. انهن پاليسين ۾ اسان جي رياستي زميوار اختيارين جو هجڻ ضروري پڻ ٿيندو گذريل ڏينهن تي ايران پاران پاڪستان جي سرحدن اندر ڪارروائي ڪرڻ کان ويندي افغان پاليسيءَ تي گهڻي غور و فڪر ڪرڻ جي سخت ضرورت پڻ آهي. دنيا جي عالمي سفارتي ۽ معاشي توڙي سرحدي معاهدن ۽ مفادن اڳيان روايتون ۽ مذهبي حدبنديون ڪا اهميت ناهن رکنديون ڇوته اتي نه ته ڪا روايت يا مذهبي رواداري جي ضرورت آ ۽ نه ئي ڪو اتڪاءُ آهي. ان ڪري اسان هتي اهو چوڻ ۾ حق بجانب آهيون ته پوري دنيا جي سڌريل توڙي اڻ سڌريل ترقي يافته يا ترقي پذير،عالمي طاقتور قوتون يا دنيا جا ڪمزور ملڪ سڀني کي هڪ هنڌ گڏ ويهڻو پوندو ۽ عالمي امن ۽ انسانيت واري پروگرام کي سامهون رکي هڪ نئون عالمي پڌرنامو يعني New World Declarationطرف اچڻو پوندو ۽ هڪ ٻئي جي عالمي پس منظر ۾ سفارتي، سماجي، معاشي، سرحدي، مذهبي ۽ اخلاقي تميز رکڻي پوندي. هن وقت جڏهن ته اقوام متحده کان ويندي او آئي سي هتي ايشيا ۾ شنگهائي تعاون تنظيم ۽ سارڪ جهڙيون آرگنائيزيشن پنهنجي اصولن سامهون جڻ ته پٺي ڏئي بيٺيون آهن. اهڙي نموني نيورلڊ آرڊر پنهنجي ساک سميت پنهنجو نيو شوشل ڪانٽريڪٽ جي هئيت وڃائي وڃي نيو ورلڊ ڊس آرڊر جو شڪار ٿيو آهي ۽ ايئن ان نيو ورلڊ ڊس آرڊر دنيا کي هڪ هن انفارميشن ٽيڪنالوجي جي چڪر ۾ انفارميشن انٽيليجنسي ۾ آڻي بيهاريو آهي جتي ڪا به شيءِ سبتي مان اپتي ڪرڻ ۽ اپتي مان سبتي ڪرڻ مشڪل ناهي رهي. انهيءَ هيجان واري عالمي منظر نامي ۾ فلسطين وارو انساني ڪوس کان ويندي يوڪرين ۽ يمن واريون جنگيون پڌائن ٿيون ته دنيا هڪ نئي هائيتال يا پونچال جو شڪار ٿيڻ طرف وڃي رهي آهي..!! پاڪستان انهن ئي سڀني عالمي تضادن جو ڪٿي سڌو ته وري ڪڏهن اڻ سڌو اثر هيٺ رهيو آهي. هاڻي به ايران واري حملي کان ويندي افغان جنگ جي هيڏي وڏي علائقائي توڙي عالمي طاقتن واري افغان رساڪشيءَ واري صورتحال کان پاڪستان ٻاهر ناهي نڪري سگهيو. هاڻي ان مٿي سموري عالمي مفاداتي جنگ ۽ ٽڪراءُ پڌائن ٿا ته ڪا ٽين عالمي جنگ (New Third World War)نه ڇڙي پوي.!!؟؟ جيڪڏهن ايئن ٿي پوي يا ان جا ڪي آثار اڃا ڪجهه ٻيا نڪري پون ته ان پس منظر ۾ اسان کي پنهنجي ملڪ پاڪستاني رياست ۽ عوامي توڙي قومي مفادن ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي سو اڄ جو اهم سوال پڻ آهي جنهن تي اسان جي ملڪي ادارن جي اعليٰ اختيار رکندڙ زميوارن کي بهتر ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڪا حڪمت عملي جوڙڻي پوندي.

ڪوٺڻُ قَرِيبَنِ جو، عَينُ تَڙَڻُ آهِ؛
اِيَ اُلٽي ڳالهڙِي، سِڪَ وَرَنڌِي ساهِ؛
آسَرَ هَڏِمَ لاهِ، ڇِنَڻُ ڳنڍَڻُ اُنِ جو.

قيادت ، عوام ۽ "پاڻ کان پڇاڻو ڪرڻ وارو نظام"

سڪندر گلاب سومرو

اڪثر شعور رکندڙ ماڻهو اول جي ترقيءَ جي راز کي "تعليم ۾ سيڙپ ڪرڻ" ئي سمجهن ٿا ۽ هيءَ ڳالهه صحيح به آهي پر اسان جيڪڏهن ان راز جا پيرا ڪڍنداسين ته اسان کي تاريخ 7 جنوري، 2024ع اربع واري ڏينهن، ڪراچيءَ ۾ "سنڌ ۾ انساني ترقي" جي سري هيٺ سنڌيز ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) پاران ڪرايل ڪانفرنس ۾، سنڌ جي تعليم جي موجوده صورتحال تي اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو سنڌ جي سيڪريٽري ڊاڪٽر شيرين ناريجو پاران پنهنجي پيش ڪيل تقرير دوران اٿاريل هڪ اهم سوال "تعليم ڇا جي لاءِ؟" جو ڪافي حد تائين جواب ملي ويندو. ڇاڪاڻ جو اول جي ملڪن جي تعليمي پاليسي سازن ۽ قيادتن انهيءَ سوال کي ئي سامهون رکي نه صرف پنهنجون تعليمي پاليسيون مرتب ڪيون آهن پر انهن پنهنجي رهبر نصاب (ڪريڪيولم) ۽ خلاصه نصاب (سليبس) کي به وقت پٽاندڙ بڻائي انهن ۾ هڪ ٻئي سوال "تعليم ڪنهن جي لاءِ؟" کي به شامل ڪرڻ کان ناهي ڪيٻايو. تعليم ڇا جي لاءِ؟ هي هڪ سوال نه پر اها ڪرب ۽ پريشاني يا هڪ اهڙي پاليسي رنڊڪ آهي، جيڪا سنڌ جي سڄي تعليمي نظام کي منجهايو بيٺي آهي. ڊاڪٽر صاحبه جي سڄي تقرير ان رنڊڪ تي مشتمل هئي، جنهن ۾ هُوءَ ٻڌائي رهي هئي ته، ڪيئن اسان جي پراڻين تعليمي ۽ سياسي قيادتن هڪ يا ٻن ڪمرن وارا اسڪول تيار ڪري سنڌ جي تعليم جو ٻيڙو ٻوڙيو آهي جو لڳ ڀڳ 36 هزار اسڪولن ۾ چوويهه پنجويهه هزار هڪ ۽ ٻن ڪمرن وارا اسڪول آهن ۽ جن ۾ شامل ڪافي اسڪول غيرفعال ۽ بنيادي سهولتن کان وانجهيل آهن سهولتن نه هجڻ جو اعتراف 11 جنوري، 2024ع تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ تعليم کاتي پاران جمع ڪرايل اها رپورٽ پڻ آهي. جنهن ۾ اسڪول داخل 40 لک ٻارن مان 12 لک 80 هزار ٻار هن هائي ٽيڪ دور ۾ به زمين تي ويهي تعليم پرائي رهيا آهن. پيئڻ لاءِ صاف پاڻي، مناسب نيڪال خانا، ڪتب خانا، راندين جا ميدان ته پري رهيو پر داخلي (انڊور) راندين جون مناسب سهولتون به ناهن ڏنيون وينديون. ڊاڪٽر صاحبه تعليم ڇا جي لاءِ واري سوال جي پاڻ ئي وضاحت ڪندي چوي ٿي ته، اسان وٽ تعليم جو مقصد صرف نوڪري حاصل ڪرڻ ئي سمجهيو ويو آهي. جڏهن ته تعليم اسان کان هيءَ گهر ڪري ٿي ته اسان پنهنجي اسڪولن، پنهنجي ٻارن ۽ انهن جي خوابن جي مالڪي ڪريون ۽ تعليم کي پوري معاشري جي چڱ ڀلائي جي لاءِ حاصل ۽ استعمال ڪريون تڏهن ئي اسان تعليم ڇا جي لاءِ، واري مقصد جي حاصلات ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا.

اول جون اهڙيون ڪيتريون ئي رپورٽون اسان کي ٻڌائين ٿيون ته، اتان جي قيادت ۽ عوام ۾ "پاڻ کان پڇاڻو ڪرڻ وارو نظام" ۽ پنهنجي ڪمن ڪارين کي ايمانداريءَ سان ڪرڻ وارو رويو ايترو ته مضبوط ۽ مستحڪم آهي جو ڪير به ڪنهنجي معاملن ۾ ٽنگ نٿو اڙائي، هر فرد توڙي ادارو پنهنجي پنهنجي اخلاقي، قانوني ۽ آئيني ذميوارين جي آڏو اهڙو ته پابند آهي جو لڳندو ائين آهي ته، هي نظام بغير ڪنهن لچڪ ۽ رنڊڪ جي خودڪار طريقي سان هلي رهيو آهي. عوام جي خدمت ۾ پيش پيش آهي ۽ ملڪ جي سلامتي ۾ اڳيان اڳيان آهي. ساڳي طرح سان ڏکڻ ايشيا ۽ ڏکڻ- اوڀر ايشيا جا به ڪجهه ملڪ اهڙا آهن. جن به تعليم ڇا جي لاءِ ۽ خاص طور تي تعليم ڪنهن جي لاءِ واري نسخي کي سامهون رکي پنهنجي تعليمي نظام جي ٿنڀن کي تمام سهڻي نموني سان بيهاري پنهنجا قومي مقصد حاصل ڪري اول جي ملڪن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي رهيا آهن. ڀارت، سنگاپور، ملائيشيا ۽ تائيوان جي سياسي، معاشي ۽ سماجي ترقي جي پويان سندن اهو تعليمي نظام ئي آهي، جيڪو تعليم ڇا جي لاءِ ۽ تعليم ڪنهن جي لاءِ واري مقصد جي عڪاسي ڪري ٿو. سنگاپور جديد اڏاوت سازي، صفائي جي نظام ۽ ڪورس ڪتابن جي معيار جي سبب سڄي دنيا ۾ نامياري رکي ٿو. ملائيشيا ۽ تائيوان ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ ڪمپيوٽر چپ سازي جي صنعت جي ڪري دنيا ۾ ڇانيل آهن ۽ ڀارت ملائيشيا جي هائي ٽيڪ واري ترقي کي ڏسندي ان جي نقش قدم تي هلندي عالمي مارڪيٽ جي ضرورتن جو پورائو ڪرڻ جي لاءِ خاص انفارميشن ٽيڪنالاجي جي لاءِ اڄ کان پنجويهه سال اڳ پنهنجي شهر حيدرآباد جي ويجهو سائبرآباد نالي هڪ هائي ٽيڪ شهر اڏي ڇڏيو.

ڇا اسان هي نٿا ڄاڻون ته اسان وٽ ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ جي اڪثر ڪتابن جو تعلق ڀارت سان آهي، ڪمپيوٽر اڄ به تائيوان ۽ ملائيشيا جي ليبل جو محتاج آهي. ٻيو ته ڇڏيو اسان مان اهڙا ڪيترا آهن. جن کي هيءَ سڌ هجي ته پاڻ وارن او ۽ اي ليولز اسڪولن ۾ جيڪي ڪورس ڪتاب پڙهايا وڃن ٿا. انهن مان اڪثر ڪتاب سنگاپور يا ملائيشيا جا آهن. خاص طور تي انگريزي ۽ رياضي جا ڪتاب. توهان انهن ڪتابن ۾ شامل مواد ۽ انهن جي ڇپائي واري معيار کي ڏسي دنگ رهجي ويندا. لڳندو آهي ته اهي ڪتاب ڪنهن به سرڪاري سوچ، يا مذهبي ۽ دقيانوسي دٻاءُ کان هٽي ڪري ۽ صرف ٻارن جي عمر وار نفسيات، ضرورتن ۽ انهن کي عالمي معيارن جي مطابق لکيو ۽ تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن ٻار هنن کي پڙهي عالمي شهري طور پنهنجون ذميواريون نڀائڻ ۽ ڪارگر ثابت ٿئي ۽ پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ جي قابل بڻجي. اهوئي سبب آهي جو انهن ڪتابن کي پڙهائيندڙ استادن ۽ پڙهندڙ ٻارن ۽ پاڪستاني ٽيڪسٽ بوڪ بوردن جي ڇپيل ڪتابن کي پڙهائيندڙ استادن ۽ پڙهندڙ ٻارن جي ذهني سگهه ۽ اعتماد ۾ نمايان فرق هجي ٿو تعليم ڇا جي لاءِ ۽ تعليم ڪنهن جي لاءِ واري تصور / مقصد تي سرچيوءِ پرکيو وڃي ته، ٻارن کي تعليم ڏيڻ جا ڪيترائي مقصد سامهون اچن ٿا پر، عالمي طور تي جن خاص مقصدن کي سامهون رکي ٻارن کي تعليم ڏني وڃي ٿي انهن کي چئن ذمرن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ ٻار جي انفرادي اوسر، ٻيو ٻار جي ذهني اوسر، ٽيون ٻار جي سماجي اوسر، ۽ چوٿون ٻار جي معاشي اوسر تي ڌيان ڏئي ٿو. ٺهي ليکي تعليم جو مقصد هي وڃي بيهي ٿو ته. اسان ٻار کي ان قابل بڻايون ته. ٻار نه صرف معاشري جي لاءِ ڪارآمد شهري بڻجي پر ساڳئي وقت هُو هڪ آزاد شهري جي حيثيت سان زندگي بسر به ڪري ۽ پنهنجي مسئلن کي پاڻ ئي حل ڪري.

بقايا *** 01

ناهيون، جمي مقابلو ڪنداسين. بلاول چيو ته عام چونڊن ۾ عوام ۽ پيپلزپارٽي جي فتح ٿيندي، عوام بيروزگاري ۽ مهانگائي سبب پريشان آهي، رڳو پ پ آهي جيڪا اليڪشن پنهنجي منشور تي وڙهي رهي آهي، اسان مهانگائي ۽ غربت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ڏهه نڪاتي ايجنڊا پيش ڪئي آهي، حڪومت ملي ته ان تي عمل ڪنداسين، قائد عوام ۽ شهيد بينظير ڀٽو جيان واعدا پورا ڪنداسين. هن چيو ته هڪ همراهه جيڪو وزيراعظم جنهن کي ٽيٿو هو چوندو هو پنجاهه لک گهر ٺاهيندس، اسان سنڌ ۾ گهر ٺاهي مالڪاڻا حق ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي، کين رڳو اها ڳڻتي آهي ته ڪيئن به ڪري چوٿون ڀيرو ڪرسي تي ويهون. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هر سال هڪ 1500 ارب اشرافيا کي سبسڊي ڏني ويندي آهي، حڪومت ملي ته اشرافيا جي سبسڊي ختم ڪري پئسا اوهان تي خرچ ڪندس، پهريان به بي آءِ ايس پي پروگرام آندو هو هاڻي هاري ڪارڊ آڻينداسين، اسان بينظير پورهيت ڪارڊ ذريعي مالي مدد پهچائينداسين، عورتن کي بنا وياج قرض ڏينداسين ته جيئن هو ڪاروبار شروع ڪري سگهن.

بقايا *** 02

ڪئي آهي. ان ڏس ۾ پاڪستاني سفير مدثر ٽيپو سوشل ميڊيا تي هڪ بيان جاري ڪيو آهي. ايران ۾ مقرر پاڪستاني سفير مدثر ٽيپو پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته پاڪستان هر قسم جي صورتحال ۾ ايران جو ساٿ ڏنو آهي. مدثر ٽيپو وڌيڪ لکيو ته منجهيل علائقائي ماحول ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ سهڪار ۽ گڏيل اعتماد، امن ۽ استحڪام لاءِ اهم آهي.

بقايا *** 03

وي. ذريعن جو چوڻ آهي ته نگران پرڏيهي وزير سفارتي محاذ تي ٿيندڙ ڳالهه ٻول تي بريفنگ ڏني،جڏهن ته بچاءَ واري وزارت جي عملدارن به معاملي بابت آگاهه ڪيو. ذريعن موجب اجلاس کي بريفنگ ڏني وئي ته پاڪستان ايراني سرزمين تي ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو. پاڪستان ايراني سرزمين تي موجود دهشتگردن خلاف ڪارروائي ڪئي جڏهن ته اجلاس ۾ پاڪستان جي ايران ۾ مقرر سفير به بريفنگ ڏني. ذريعن ٻڌايو ته قومي سلامتي ڪميٽي جو چوڻ آهي ته پاڪستان پاڙيسري ملڪن سان ڪو به ڇڪتاڻ نه ٿو چاهي، قومي سلامتي تي ناهه نه ڪيو ويندو. ذريعن موجب، ڪميٽي ملڪي سالميت ۽ خودمختياري تي ڪنهن به قسم جو ناهه نه ڪرڻ جو عزم ورجايو. ٻئي پاسي نگران وفاقي ڪابينا قومي سلامتي ڪميٽي جي فيصلن جي منظوري ڏئي ڇڏي. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ ڪابينا اجلاس ۾ قومي سلامتي ڪميٽي ۾ ڪيل فيصلن جي منظوري ڏني وئي آهي. ذريعن موجب، پاڪستان ۽ ايران سان ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪندي ايران سان سفارتي لاڳاپا بحال ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. ذريعن موجب، نگران پرڏيهي وزير ڪابينا اجلاس کي بريفنگ ڏني. وفاقي ڪابينا جي ذريعن جو چوڻ آهي ته هو نٿا چاهن ته ايران سان لاڳاپا

خراب ٿين، ايران غلط قدم کنيو جنهن جو جواب ڏنو

بقايا *** 04

نواز شريف ۽ سندس خاندان سان ظلم ڪيا ويا، پي ٽي آءِ لفاظي کان سواءِ ڪو ڪم ناهي ڪيو سندس چوڻ هو ته هاڻ به اولهه ۾ يهودي لابي پي ٽي آءِ باني کي سپورٽ ڪري رهي آهي، تحريڪ انصاف شروع کان ئي پاڪستان ۾ نه هجڻ گهرجي ها. اولهه جي نوڪري ڪيو پر پاڪستان جا مفاد ته نه ڪيابو، هو ڪوڙا آهن. هو پاڪستان سان گڏ نه خلاف بيٺا آهن. مولانا فضل الرحمان اهو به چيو ته پي ٽي آءِ باني چوندو هو ته ووٽ بعد آهي قانون جي اهميت پهريان آهي ۽ هاڻي ووٽ جي اهميت پهريان ۽ قانون جي اهميت پوءِ، ڪيئن ٿي وئي. پاڪ-ايران ڇڪتاڻ بابت ڳالهائيندي هن چيو ته ايران، پاڪستان پاڙيسري ملڪ آهن. هنيئر به وقت آهي اسان کي منفي قدمن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

بقايا *** 05

، وفاقي حڪومت پي ٽي آءِ باني عمران خان خلاف جيل ۾ سائفر ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ جو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو آهي، وفاقي حڪومت طرفان داخل ڪيل درخواست ۾ چيو ويو آهي ته هاءِ ڪورٽ سائفر ٽرائل لاءِ قائم خاص عدالت کي ڪالعدم قرار ڏنو. هاءِ ڪورٽ وٽ خاص عدالت جي حيثيت ختم ڪرڻ جو اختيار نه آهي ۽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ حقيقتن جو درست جائزو نه ورتو. درخواست ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو 21 هين نومبر 2023ع وارو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 06

جي حڪومت هئي؟ 16 مهينن ۾ معيشت تباهه ڪئي وئي. 15 لک پروفيشنل ملڪ ڇڏي هليا ويا. هن چيو ته اسان جي حڪومتي دور ۾ مهانگائي 12 ڏهائي چار سيڪڙو تائين هئي جيڪا هو 38 سيڪڙو تي ڇڏي ويا. اسان جي دور ۾ دهشتگردي جي واقعن ۾ گهٽتائي آئي، افغان صدر اشرف غني جي حڪومت سان اسان جا سٺا لاڳاپا هئا پر ن ليگ حڪومت اچي افغانستان سان به لاڳاپا تباهه ڪري ڇڏيا ۽ سندن پرڏيهي پاليسي جي ڪري پاڪستان اڪيلو ٿي ويو . عمران خان چيو ته ايران پاڪستان ۾ حملو ڪري غلط ڪيو ائين نه ڪرڻ گهرجي ها ايران جو دشمن اسرائيل ڪوشش ڪندو ته اسان جا لاڳاپا خراب ٿين. هن وقت پاڪستاني معيشت ڏکيائين جو شڪار آهي اهڙي صورتحال ۾ اسان کي ٽڪرارن ۾ نه پوڻ گهرجي. پاڙيسري بدلائي نٿا سگهجن. اسان ڀارت سان به دوستي جي پوري ڪوشش ڪئي هئي افغانين کي ڪڏهن اسان نفرت کي وڌايو هن چيو ته بندوقن سان مسئلا حل ناهن ٿيندا سياسي حڪومت سياسي حل ڳوليندي آهي ۽ تمام مسئلن جو حل صاف ۽ شفاف چونڊون آهن. دهشتگردي خلاف جنگ ۾ اسان اسي هزار ماڻهو شهيد ڪرايا اسان کي آئڻ کان پهرين ڪمزور ڪيو ويو ته جيئن ڪنٽرول ڪري سگهجي. هن چيو ته اتحادي حڪومت جو حصو بڻجڻ بدران اسان اپوزيشن ۾ ويهڻ پسند ڪنداسين. اليڪشن سان ملڪ ۾ وڌيڪ عدم استحڪام پيدا ٿيندو. اقتصادي خساري جي ڪوٽ جي پورائي ۽ قانون جي حڪمراني لاءِ سڌارن جي ضرورت آهي. هن چيو ته پاڪستان جي فوج اسان جي فوج آهي نوي سيڪڙو فوجي پي ٽي آءِ کي ووٽ ڏيندا. باجوا ايوان صدر ۾ ملاقات دوران چيو ته سڄي فوج توسان گڏ آهي سندس فيصلن پاڪستان جو ٻيڙو ٻوڙيو پر فوج جوان ۾ ڏوهه ناهي. عمران خان چيو ته سياسي ماڻهو سدائين ڳالهه ٻول لاءِ تيار هوندا آهي پي ڊي ايم سان به اسان جي ڪميٽي چونڊن بابت ڳالهه ٻول ڪئي هئي پي ڊي ايم چيو هو ته جسٽس بنديال جي هوندي چونڊون نٿيون ڪرائي سگهجن ڪنهن اندازو ناهي ته اٺ فيبروريءَ تي ڇا ٿيڻ وارو آهي، سندس چوڻ هو ته هو ڪنهن مارشل لا جي نرسري ۾ ناهيو پليو، ملڪ ۾ غيريقيني واري صورتحال آهي هر روز عوام جي ڪاوڙ وڌي رهي آهي اٺ فيبروري تي ماڻهو پنهنجي ڪاوڙ ڪڍندا ۽ انهن کي وڏو جهٽڪو لڳندو، جج همايون دلاور جي ميچ فڪس هئي سندس ڏنل فيصلو معطل ٿي ويو پوءِ به مون کي نااهل ڪري ڪيو ويو خاور مانيڪا طرفان عدت ۾ نڪاح جي درخواست ۽ ڪيس هلائڻ تي عمران خان چيو ته عدت ڪيس ۾ جيڪو ڪيو ويو ائين مون ڪنهن ملڪ ۾ اسٽيبلشمينٽ کي ڪندي ناهي ڏٺو. خاور مانيڪا ڪمزور ماڻهو نڪتو مان هجان ها ته مري وڃان ها اهڙو بيان نه ڏيان ها. جن به اهو ڪيس ڪرايو آهي ڪيترا ڪريل ماڻهو آهن.

بقايا *** 07

معاملا طئي ٿي ويا. جنهن تحت اليڪشن ڪميشن انتهائي حساس، حساس ۽ سي ڪيٽيگري وارين پولنگ اسٽيشنز تي نفري مقرريءَ جو نئون فارمولو ڏئي ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن موجب، انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي پنج، حساس پولنگ اسٽيشنز تي چار ۽ سي ڪيٽيگري وارين پولنگ اسٽيشنز تي ٽي اهلڪار مقرر ڪيا ويندا. ان کان اڳ اليڪشن ڪميشن طرفان انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي ڇهه، حساس ۽ سي ڪيٽيگري واري پولنگ اسٽيشنز تي پنج ۽ چار اهلڪار مقرر ڪرڻ جو فارمولو ڏنو ويو هو. جنهن تي پوليس نفري جي کوٽ سبب اليڪشن ڪميشن کي پنهنجي خدشن کان آگاهه ڪيو هو

بقايا *** 08

اعلان ڪيو وڃي ها. لڳي ٿو ته انتقام مسلم ليگ ن جو منشور آهي. جيڪو قوم کان ڪجهه رکيو پيو وڃي. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته پ پ جيٽرمين پنهنجي منشور سان عوامي عدالت ۾ پيش ٿي رهيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري جو 10 نڪاتي منشور عوامي فلاح جو منشور آهي. هن چيو ته بلاول ڀٽو ايندو، روزگار آڻيندو. عوام جو مقبول نارو بڻجي چڪو آهي.

بقايا *** 09

ڪري ڇڏي. ڪابينا ڊويزن چند ڏينهن اڳ عهدي تان استيفي ڏيندڙ جج پاران گاڏي واپس ملڻ جي تصديق ڪري ڇڏي. سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار ۽ گهرو وزارت جي سفارش تي اڳوڻي جج مظاهر نقوي کي گاڏي الاٽ ٿي هئي. ڪابينا ڊويزن مطابق اڳوڻي جج 16 جنوري تي گاڏي سينٽرل پول کي واپس ڪئي. سپريم ڪورٽ مطابق اڳوڻي جج مظاهر نقوي 10 جنوري تي پنهنجي عهدي تان استيفيٰ ڏئي ڇڏي هئي.

بقايا *** 10

ٿيو آهي. جنهن ۾ ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب، جليل عباس جيلاني ۽ ايراني پرڏيهي وزير حسين امير عبداللهيان ۾ رابطو ٿيو آهي. ٻنهي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن تازي ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني قومي سلامتي ڪميٽي کي ايراني هم منصب سان ڳالهه ٻول کان آگاهه ڪندو واضح رهي ته ان کان اڳ پرڏيهي کاتي، پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ هاڪاري پيغامن جي ڏي وٺ جي به تصديق ڪئي هئي.

بقايا *** 11

۾ هر هنڌ ڏانٽلي هئي، پرخانيوال جي شيرين ڪنهن کي گهرڻ نه ڏنو ن ليگ جي نائب صدر چيو ته 2018ع ۾ کين اليڪشن چوري ڪرٿي پئي، عوام ڄاڻي ٿو ته مهانگائي جو ذميوار نواز شريف ۽ ن ليگ ناهي، هن چيو ته مقابلو ڪندڙ ڪوئي ناهي، هي ڏيڻ وانگر جئيون ڇڏي ٻجي ويا، ته مان پنهنجي پيءُ جو ڪنڌ جهڪڻ ڏنو ته خانيوال جو اسان ٽنين ڪيسن ۽ جيل کي منهن ڏنو، مريم نواز چيو ته اچو مقابلو ڪريو ميدان ڇڏي ڇو ڀڄو ٿا اڄ ليول پلينگ فيلڊ ۽ انتقام جا الزام لڳايو ٿا. هن چيو ته نواز شريف چيو هو ته 9 مئي رياست تي حملو ڪري ڇڏي، ڇا ن ليگي قائد چيو هو ته جعلي انٽرا پارٽي اليڪشن ڪرايو ن ليگي نائب صدر چيو ته ڇا نواز شريف چيو هو ته شهيدن جي يادگارن کي باهه ڏئي ساڙيو ڇا ن ليگ ڪڏهن جنگهه تي پلاسٽر چاڙهيو، هن چيو ته نواز شريف کي ڪڍيو ويو ته ان جا ساٿي ڇڏي نه ويا، ڀڄان ٿي ته ڇا ن ليگي قائد کي اقتدار کان ٻاهر ڪيو ويو ته ڇا ان ڪوڙي سائفر جو ڊرامو ڪيون. مريم نواز

چيو ته ڇا نوازشريف ڪو قومي رازڪوليو. چپ ڪري گهرهليو ويو

بقايا *** 12

جو چوڻ آهي ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي شيڊول موجب ۽ اعلانيل تاريخ تي ئي چونڊون ڪرائڻ لاءِ پرعزم آهي، ترجمان موجب اليڪشن ڪميشن چونڊن جي تياري ۾ مصروف آهي، اهڙي ڪابه تجويزيا آپشن غور هيٺ ناهي ته ڇڪتاڻ سبب اليڪشن جي تاريخ تي نظرثاني ڪئي وڃي.

بقايا *** 13

نذرانا پيش ڪرڻ تي قوم پاران شهيدن کي سلام پيش ڪيو صدر شهيدن جي لاءِ درجن جي بلندي ۽ وارثن جي لاءِ صبرجميل جي دعا ڪئي.

بقايا *** 14

ته اسلم آفريدي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي رابطا ڪميٽي جو ميمبر هو. ايم ڪيو ايم آخري پساهه ڪٽي رهي آهي. اسلم آفريدي پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته جيڪي ساٿي گمراهه ٿيا هئا اهي واپس اچي رهيا آهن. هي ته فقط ٽريلر آهي اڃا ڏگهي قطار آهي.

بقايا *** 15

جي آفيس پهچي ويو اليڪشن ڪميشن جي آفيس ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي چاهت فتح علي خان جو چوڻ هو ته مون کي سياست جو شوق آهي ۽ پارٽي رجسٽريشن لاءِ اليڪشن ڪميشن جي آفيس آيو آهيان. هن چيو ته پارٽي رجسٽرڊ نه ٿي ته عدالت سان رابطو ڪندس. سندس چوڻ هو ته پاڃيون ۽ ميرا مهانگا نه هجڻ گهرجن. پلاٽ جي سياست جو به خاتمو چاهيان ٿو. واضح رهي ته چاهت فتح علي خان عام چونڊن ۾ به حصو وٺي رهيو آهي. هن لاهور جي قومي ٽڪ اين اي 128 تان پنهنجا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن جيڪي هن پنهنجي اصل ناهي ڪاشف رانا جي نالي سان جمع ڪرايا.

بقايا *** 16

لاڏاڻي جي خبر ٻڌي دلي افسوس ٿيو. ڏکويل خاندان جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون. هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت ۾ اعليٰ مقام ڏي ۽ پوئتين کي صبر جميل عطا فرمائي.

بقايا *** 17

اسان نواز شريف، مريم نواز يا شهباز شريف کي نقطا ڏيون ها ته جلسن ۾ ڊيليور ڪن. اهو آسان ڪم هو عرفان صديقي وڌيڪ چيو آهي ته چونڊ منشور لاءِ سنجيده ڪوششون ڪرڻ گهرجن. هن وقت تائين ڪنهن به پارٽي لکت ۾ منشور جاري ناهي ڪيو ن ليگ اڳواڻ اهو به چيو آهي ته اسان جو منشور ٻن ٽن ڏينهن ۾ اچي ويندو. اسان جي دور ۾ وڏن ڏرٺن سان ڪو به ڪجهه نه ڪري سگهيو.

بقايا *** 18

چيف جي قيادت ۾ قوم جو ڳاٽ اوچو ڪري ڇڏيو آهي. ان ايڪشن ذريعي ڀارت جي دهشتگردي جو نيٽ ورڪ وائکو ٿي ويو . هن چيو ته اسان بار بار چئي رهيا هئاسين ته گم ٿيل ماڻهن جو مسئلو حل ٿي رهيو آهي. علحيدگي پسند ۽ دهشتگرد تنظيمن جا ماڻهو ايران ۽ ڀارت سان ملي پاڪستان خلاف سازشون ڪري رهيا هئا. سندس چوڻ هو ته پاڪستان ۽ خاص طور بلوچستان ۾ دشمن قوتون اندروني افراتفري ۾ ناڪامي ڪانپوءِ پرڏيهي مداخلت جي ڪوشش ڪري رهيون هيون، جنهن بابت مسلسل قوم کي آگاهه ڪندا رهيا آهيون. نگران اطلاعات واري وزير چيو ته پهريان به واضح ڪيو هو ته دشمن ڪڏهن به سازش ۾ ڪامياب نه ٿيندو. اسان هر هنڌ دشمن قوتن جو ڀرپور مقابلو ڪرڻ جي صلاحيت رکون ٿا. ڀارت هٿان ۾ ڪيڏندڙ ماڻهن کي معافي ڏياري قومي ڌارا ۾ آڻي رهيا آهيون. جان اڇڪزئي چيو ته اسان بار بار چئي رهيا هئاسين ته مسنگ پرسنز جو مسئلو حل ٿي رهيو آهي. ماهه رنگ بلوچ پاڪستاني عوام کي ورغلائڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ وائکي ٿي وئي، ايران ۾ مارجي ويل دهشتگردن جا وارث اسلام آباد جي ڪيمپ ۾ موجود آهن. جان اڇڪزئي چيو ته ماهه رنگ بلوچ ۽ سندس سهولتڪار به پنهنجي قومي ادارن ۽ فورسز کي بدنام ڪرڻ ۾ شامل هئا.

بقايا *** 19

جواب جمع ڪرائڻ لاءِ ضروري ڪارروائي ڪئي وڃي. سپريم ڪورٽ اڳتي ڪنهن به شخص کي غيرقانوني طور گم نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ ان معاملي تي لکت ۾ جواب پڻ طلب ڪيو آهي، ذريعن موجب، خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته آرڊر جي پيرا 11 ۾ وفاقي سرڪار کي لکت ۾ جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، لاڳاپيل وزارتن جي سينيئر ترين آفيسرن وٽان صحيح ٿيل اقرار نامو طلب ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 20

50 سائيڪل سوار مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شامل آهن جنهن جو مقصد سنڌ جي ثقافتي تاريخ، صحتمند زندگي ۽ ماحول بابت آگاهي کي فروغ ڏيڻ آهي. سنڌ ٽورازم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن (STDC)ٽريول ايجنٽس ايسوسيئيشن آف پاڪستان (TAAP)جي سهڪار سان "ڪراچي کان چوڪنڊي تائين بائيڪ ريلي ۽ سائيڪل ريلي" منعقد ڪئي آهي ۽ اها 21 جنوري 2024 آچر تي منعقد ڪئي ويندي. سنڌ حڪومت جي سياحت، ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي واري نگران وزير ارشد ولي محمد چيو ته هي قدم سنڌ جي منفرد تاريخ، ثقافت ۽ خوبصورتي کي اجاگر ڪرڻ ۽ شهرين ۾ صحتمند سرگرمين جي حوصلا افزائي ڪرڻ جي اسان جي عزم کي ظاهر ڪري ٿو. سائيڪل ريلي جو 33 ڪلوميٽر جو سفر صبح 7 وڳي ڊيلا والا شاپنگ سينٽر ڪلفٽن ڪراچي کان شروع ٿيندو ۽ سنڌ جي تاريخي چوڪنڊي مقام تي صبح 8:15 تي ختم ٿيندو تقريب صبح 10:00 وڳي تائين جاري رهندي. جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن کي چوڪنڊي جي اهم تاريخي ۽ ثقافتي ورثي بابت معلوماتي سيشن ۽ تفريحي سيشن پيش ڪيا ويندا هيوي موٽرسائيڪل جو سفر صبح 8:30 وڳي پي اي ايف بيس شاهراهه فيصل کان مڪلي شاهجهان مسجد ۽ چوڪنڊي کان ٿيندو ڪينجهر ڍنڍ تائين پهچندو جتي ايس ٽي ڊي سي جا ٽرئنڊ گائيڊ کين سنڌ جي تاريخي ورثي بابت آگاهه ڪندا.

بقايا *** 21

ويندو هو ڪنهن کي نمائندو بڻايون. ڪمشنر کان پڇي نمائندا چونڊيا ويندا هئا. پ پ اڳواڻ چيو ته هاڻي عوام کان پڇي ڪري نمائندا چونڊيا ويندا آهن. اسان جيڪي عوام سان واعدا ڪيا پورا ڪري ڏيکاريا. سندس چوڻ هو ته بينظير ڀٽو انڪم سپورٽ پروگرام ڏنو هاڻي ان ۾ اضافو ڪنداسين. ملازمن جون پگهارون وڌائي ڊبل ڪنداسين. خورشيد شاهه وڌيڪ چيو ته بجلي جو مسئلو آهي. سولر پينلز ذريعي مفت بجلي ڏينداسين. اسان چاهيون ٿا ته رياست مضبوط ٿئي. عوام پنهنجي پيرن تي بيهي.

بقايا *** 22

سائي سان گڏ پوليس تي جتي فائرنگ ڪئي، جوابدارن جي فائرنگ ۾ پاڪ ڪالوني ٿاڻي تي مقرر ڪانسٽيبل نويد شاهه ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيو جڏهن ته فائرنگ سان پوليس موبائل کي به نقصان ٿيو. حفاظت خود اختياري تحت پوليس پارٽي پاران جوابي ڪارروائي ۾ جوابدار زرين عرف ريحان مارجي ويو. جڏهن ته ٻيو جوابدار فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. مارجي ويل جوابدار وٽان هڪ عدد 9 ايم ايم پسٽل سان گڏ رائونڊ ۽ پير آباد ٿاڻي جي حد مان ڦر ڪيل موٽر سائيڪل هٿ آئي. مارجي ويل جوابدار پوليس کي گهربل هو جنهن جي گرفتاري لاءِ حساس ادارا ۽ پوليس ڪوشش ڪري رهي هئي. مارجي ويل جوابدار پراڻو گولي مار ۽ لاڳاپيل علائقن ۾ منشيات نيٽورڪ جو مک آهي. جيڪو بدنام منشيات ڊيلر حاجي رياست جي منشيات نيٽورڪ کي آپريٽ ڪندو هو.

بقايا *** 23

آهي، هن انٽرويو ۾ هن چيو ته ايران سان ويجها لاڳاپا آهن پر هي واقعو ڳڻتي جوڳو آهي. پاڪ فوج بهادري سان حملي جو جواب ڏنو ۽ ميسيج ڪليئر آهي، چندن جي اهتمام جي حوالي سان هن چيو ته مسلم ليگ ن بي چونڊ بروقت چاهي ٿي ۽ ضروري آهي ته چونڊون ٿين ۽ هڪ حڪومت جوڙي وڃي جيڪا ملڪ معاملا اڳتي وڌائي اسحاق ڊار چيو ته ڪمزور پارٽين شرمساري کان بچڻ لاءِ چونڊن کان اڳ ئي پنهنجو بيانيو بڻائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. هن چيو ته وزيراعظم لاءِ اسان جو اميدوار نوازشريف ئي آهي. بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي بابت ڪيل ڳالهه تي اسحاق ڊار چيو ته بلاول جي بيان جو افسوس آهي. جنهنجو جواب ڏيڻ پسند نه ٿو ڪريان. اڳوڻي ناڻي واري وفاقي چيو ته 16 مهينن تائين اسان جو پيپلزپارٽي سان ورڪنگ رليشن رهيو. پيپلزپارٽي کان پڇيو وڃي ته 300 يونٽ وارن کي مفت بجلي ڪٿان ڏيندا. اسان جو منشور اسان جي ڪارڪردگي کي ظاهر ڪندو. الله ڪري اسان کي ساده اڪثريت ملي.

چو ته ساده اڪثريت کان سواءِ، ڪا به جماعت ڊليور نٿي ڪري سگهي.

بقايا *** 24

صورتحال ۾ ڪهڙي اڳڀرائي ٿئي ٿي. آمريڪي صدر وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۽ ايران پاران هڪ ٻئي تي فضائي حملا ڪيا ويا آهن. حملن مان ظاهر ٿئي ٿو ته خطي ۾ ايران کي پسند نه ٿو ڪيو وڃي. وائيٽ هائوس پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته آمريڪا پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ اضافو نه ڏسڻ چاهي

بقايا *** 25

۾ خوفناڪ حادثو ٿيڻ بعد وين ۽ ڪار ۾ سوار زخمي واقعي واري هنڌ تڙپندا رهيا جنهن بعد وڏي تعداد ۾ مقامي ماڻهن پهچي وين ۽ ڪار ۾ ڦاٿل زخمين کي گاڏين مان ٻاهر ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو هي پاسي خوفناڪ حادثو ٿيڻ ۽ زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب زخمين ۽ فوتين جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي. جڏهن ته پنج کان وڌيڪ زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب انهن کي لمس اسپتال ڄامشورو ۽ مان سول اسپتال حيدرآباد طرف منتقل ڪيو پيو وڃي.

بقايا *** 26

اي 127 ۾ پيپلزپارٽي جي طرفان بلاول ڀٽو زرداري اليڪشن وڙهندو. جڏهن ته ان جو مقابلو ميان اظهر محمود سان ٿيندو اين اي 127 جي دوري دوران نوازليگ اڳواڻ خواجه عمران نذير جو چوڻ هو ته جيڪڏهن نواز شريف خراب آهي. دعا ڪيان ٿو ته منهنجي هڪ ٿي ڏيءِ آهي. الله ان کي نواز شريف جهڙو مڙس عطا ڪري. هن چيو ته عمران خان هڪ ڪروڙ نوڪريون ۽ 50 گهر ڏنا هجن ها ته مان ان کي سلام ڪيان ها. ماڻهن کي چور چئي پاڻ سڀ کان وڏو چور بڻجڻ وارو ليڊر نه گهرجي

بقايا *** 27

سان ڀريل ٽرالر کان ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مزاحمت تي هٿيارٻندن ٽرالر ڊرائيور پنجاب واسي اعجاز پٽ يوسف کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو واقعي ڪانپوءِ ٽرانسپورٽرن مقتول ڊرائيور اعجاز جو لاش رکي ايم نائن موٽر وي تي ڌرڻو هڻيو ڌرڻي دوران ايس ايس پي ڄامشورو پهچي ٽرانسپورٽرن کي انصاف جي خاطري ڪرائي

بقايا *** 28

بي مئنيجمينٽ ڪميٽي ۽ ميمبر بورڊ آف گورنر جي عهدن تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. ان ڏس ۾ ذڪاءَ اشرف جو چوڻ آهي ته هو ڪرڪيٽ جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهيو هيس. اهڙي ماحول ۾ اسان لاءِ وڌيڪ ڪم ڪرڻ ممڪن ناهي. هن چيو ته هو پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي رهيو آهي. هاڻي وزيراعظم تي آهي ته هو ڪنهن کي نامزد ڪري ٿو

بقايا *** 29

. هن دعوا ڪئي ته بلاول ڀٽو هڪ پرچي جي ذريعي پاڪستان پيپلزپارٽي جو چيئرمين بڻيو آهي، پيپلزپارٽي ۽ مسلم ليگ ن به انٽرا پارٽي اليڪشن ناهن ڪراوين. بئريسٽر گوهر دعوا ڪئي ته آمريڪي سفير سميت ڪنهن سفارتڪار عمران خان سان جيل ۾ ملاقات ناهي ڪئي. عمران خان ڪنهن سان ڳالهين جي موڊ ۾ ناهي، نه ڪوئي ان سان ڊيل ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهي ٿو پي ٽي آءِ اڳواڻ ن ليگ تي تحريڪ انصاف کي اليڪشن کان ٻاهر ڪرائڻ جي ڪوشش جو الزام به مڙهيو. بئريسٽر گوهر چيو ته پوري ٽيم کان پوءِ اندر 19 رانديگرن کي به ته پيو کيڏڻ ڏنو وڃي.

بقايا *** 30

راجا وڪيل هئا. هاڻي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني جا نوان وڪيل سلمان اڪرم راجا، علي ظفر ۽ عثمان گل هوندا. 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ وڪيلن جي ڦيرڦار سبب عمران خان تي اڄ فرد جرم لاڳو نه ٿي سگهيو

بقايا *** 31

جي فيصلي جي خلاف اپيل تي ٻڌائي تي ٽريبونل قومي اسيمبلي جي مخصوص سيٽ تي فهميدا مرزا جا نامزدگي ڪاغذ بحال ڪري ڇڏيا. اليڪشن ڪميشن عورتن جي مخصوص سيٽ تي فهميدا مرزا جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪري ڇڏيا هئا. فهميدا مرزا جي ڊي اي پاران قومي اسيمبلي جي مخصوص سيٽ لاءِ اميدوار آهي. گذريل ڏينهن سنڌ هاءِ ڪورٽ جنرل سيٽن تي فهميدا مرزا ۽ ذوالفقار مرزا جا ڪاغذ بحال ڪيا هئا.

بقايا *** 32

جي حڪومت هئي؟ 16 مهينن ۾ معيشت تباهه ڪئي وئي. 15 لک پروفيشنل ملڪ ڇڏي

هليا ويا. هن چيو ته اسان جي حڪومتي دور ۾ مهانگائي 12 ڏهائي چار سيڪڙو تائين هئي جيڪا هو 38 سيڪڙو تي ڇڏي ويا. اسان جي دور ۾ دهشتگردي جي واقعن ۾ گهٽتائي آئي، افغان صدر اشرف غني جي حڪومت سان اسان جا سٺا لاڳاپا هئا پر ن ليگ حڪومت اچي افغانستان سان به لاڳاپا تباهه ڪري ڇڏيا ۽ سندن پرڏيهي پاليسي جي ڪري پاڪستان اڪيلو ٿي ويو . عمران خان چيو ته ايران پاڪستان ۾ حملو ڪري غلط ڪيو ائين نه ڪرڻ گهرجي ها ايران جو دشمن اسرائيل ڪوشش ڪندو ته اسان جا لاڳاپا خراب ٿين. هن وقت پاڪستاني معيشت ڏکيائين جو شڪار آهي اهڙي صورتحال ۾ اسان کي ٽڪرارن ۾ نه پوڻ گهرجي. پاڙيسري بدلائي نٿا سگهجن. اسان ڀارت سان به دوستي جي پوري ڪوشش ڪئي هئي افغانين کي ڪڏهن اسان نفرت کي وڌايو هن چيو ته بندوقن سان مسئلا حل ناهن ٿيندا سياسي حڪومت سياسي حل ڳوليندي آهي ۽ تمام مسئلن جو حل صاف ۽ شفاف چونڊون آهن. دهشتگردي خلاف جنگ ۾ اسان اسي هزار ماڻهو شهيد ڪرايا اسان کي آئڻ کان پهرين ڪمزور ڪيو ويو ته جيئن ڪنٽرول ڪري سگهجي. هن چيو ته اتحادي حڪومت جو حصو بڻجڻ بدران اسان اپوزيشن ۾ ويهڻ پسند ڪنداسين. اليڪشن سان ملڪ ۾ وڌيڪ عدم استحڪام پيدا ٿيندو. اقتصادي خساري جي ڪوٽ جي پورائي ۽ قانون جي حڪمراني لاءِ سڌارن جي ضرورت آهي. هن چيو ته پاڪستان جي فوج اسان جي فوج آهي نوي سيڪڙو فوجي پي ٽي آءِ کي ووٽ ڏيندا. باجوا ايوان صدر ۾ ملاقات دوران چيو ته سڄي فوج توسان گڏ آهي سندس فيصلن پاڪستان جو ٻيڙو ٻوڙيو پر فوج جوان ۾ ڏوهه ناهي. عمران خان چيو ته سياسي ماڻهو سدائين ڳالهه ٻول لاءِ تيار هوندا آهي پي ڊي ايم سان به اسان جي ڪميٽي چونڊن بابت ڳالهه ٻول ڪئي هئي پي ڊي ايم چيو هو ته جسٽس بنديال جي هوندي چونڊون نٿيون ڪرائي سگهجن ڪنهن اندازو ناهي ته اٺ فيبروريءَ تي ڇا ٿيڻ وارو آهي، سندس چوڻ هو ته هو ڪنهن مارشل لا جي نرسري ۾ ناهيو پليو، ملڪ ۾ غيريقيني واري صورتحال آهي هر روز عوام جي ڪاوڙ وڌي رهي آهي اٺ فيبروري تي ماڻهو پنهنجي ڪاوڙ ڪڍندا ۽ انهن کي وڏو جهٽڪو لڳندو، جج همايون دلاور جي ميچ فڪس هئي سندس ڏنل فيصلو معطل ٿي ويو پوءِ به مون کي نااهل ڪري ڪيو ويو خاور مانيڪا طرفان عدت ۾ نڪاح جي درخواست ۽ ڪيس هلائڻ تي عمران خان چيو ته عدت ڪيس ۾ جيڪو ڪيو ويو ائين مون ڪنهن ملڪ ۾ اسٽيبلشمينٽ کي ڪندي ناهي ڏٺو. خاور مانيڪا ڪمزور ماڻهو نڪتو مان هجان ها ته مري وڃان ها اهڙو بيان نه ڏيان ها. جن به اهو ڪيس ڪرايو آهي ڪيترا ڪريل ماڻهو آهن.

بقايا *** 33

آهن. پر اسين چاهيون ٿا ته اليڪشن پنهنجي مقرر ڪيل وقت تي ٿين ته اهو ملڪ ۽ قوم لاءِ بهتر ٿيندو. هن چيو ته آئون ضلعي ٽنڊي محمد خان مان صوبائي اسيمبلي جي سيٽ پي، ايس، 67 اميدوار آهيان ۽ هاڻي پيپلز پارٽي جا حواس خطا ٿي چڪا آهن. توهان ڏٺو ته ڪالهه پ پ وارن بيبي آصفه ڀٽو زرداري کي ٽنڊو محمد خان وٺي جي عوام آڏو بيهاري ڇڏيو، هاڻي پيپلز پارٽي وارن کي اچي پريشانين وڪوڙيو آهي ڇو ته انهن کي خبر پئجي وئي آهي ته انهي ٽڪ مان آئون کٽي رهيو آهيان. هن چيو ته صوبن جي مضبوطي جو دارو مدار وفاق جي مضبوطي سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. هڪ صحافي پاران افغانستان بابت ڪيل سوال جو جواب ڏيندي ايس ٽي پي سربراهه چيو ته افغانستان اسانجو دوست ملڪ هو. پر هاڻي نه آهي رهيو. هن چيو ته ايران به اسانجو دوست ملڪ هو پر هاڻي اتان به اسان لاءِ پريشانين منهن ڪيو آهي. پاڪستان جي سلامتي ۽ خودمختياري بابت ڪيل سوال جو جواب ڏيندي هن چيو ته ايران جي حملي تي پاڪستان پاران به انجو ذميواري وارو جواب ڏنو ويو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن به عام ماڻهن کي نقصان نه آهي پهتو ۽ پاڪستان کي پنهنجي جوابي ڪارروائي جي عمل ۾ جيڪو ٽارگيٽ حاصل ڪرڻو هو اهو هن ڪري ورتو

بقايا *** 34

وين ۽ ڪوٽڙي کان مانجهند طرف ويندڙ ڪار ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيڻ کان پوءِ پويان ايندڙ ٽرڪ به ڪار سان ٽڪرائجي وئي ٽڪر ۾ ماءُ پٽ سميت 6 ڄڻا فوت 15 ڄڻا زخمي ٿي پيا فوتين ۾ وين سوار ڪوٽڙي واسي عورت مقدس نوحاڻي زال رجب نوحاڻي سندس 3 ورهين جو پٽ محمد سليم نوحاڻي ٽنڊو ڄام واسي ڪار ڊرائيور رياض پٽ الهجايو نظاماڻي لاڙڪاڻو واسي 20 ورهين جو نوجوان لعل بخش لاڙڪ پٽ مولا بخش لاڙڪ ڏيرو اسماعيل خان واسي 34 ورهين جو محمد اسماعيل پٽ غلا

محي الدين ۽ هڪ انجاڻ شامل آهن زخمين ۾ مانجهند واسي رٽائر استاد سيد زين العابدين شاهه، آمري واسي اڪرم علي ولد اشرف علي شاهه ، دادو واسي منيرلغاري، نياز حسين ولد الله بخش جوڻيجو، الله ڏنو ولد محمد صالح ڪوريجو، محمد رشيد ولد محمد شريف عباسي، ظهيرعلي ولد غلام عباس، محمد علي ولد فتح محمد، نياز ولد رفيق احمد، حياتان زال اسحاق جمالي، ثناءالله ولد اسحاق جمالي حمزه علي ظهيرنوحاڻي بيا شامل آهن فوتين جي لاشن ۽ زخمين کي هڪ ڪلاڪ جي جدوجهد کان پوءِ گاڏين کي ڪٽڻ بعد ڪڍيو ويو جنهن بعد ايمبولنس نه پهچڻ سبب زخمي تڙپندا رهيا اطلاع تي وڏي تعداد ۾ ڳوٺاڻا پهچي ويا جن زخمين کي ڪڍڻ ۾ مدد ڪري کين لمس اسپتال ڄامشورو ۽ تعلقه اسپتال مانجهند منتقل ڪيو جتي هنگامي حالتن جو اعلان ڪندي موڪل تي ويل عملي کي طلب ڪيو ويو هوڏانهن ٽن گاڏين جي ٽڪر سبب انڊس هاءِ وي ڪيتري ئي دير تائين بند ٿي وئي. هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ ايڪسيويٽر ذريعي حادثي جو شڪار گاڏين کي رستي تان هٽايو ويو جڏهن ته کانوٽ پوليس ٽنهي گاڏين کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا *** 35

حڪومت اچي افغانستان سان به لاڳاپا تباهه ڪري ڇڏيا ۽ سندن پرڏيهي پاليسي جي ڪري پاڪستان اڪيلو ٿي ويو . عمران خان چيو ته ايران پاڪستان ۾ حملو ڪري غلط ڪيو ائين نه ڪرڻ گهرجي ها ايران جو دشمن اسرائيل ڪوشش ڪندو ته اسان جا لاڳاپا خراب ٿين. هن وقت پاڪستاني معيشت ڏکيائين جو شڪار آهي اهڙي صورتحال ۾ اسان کي ٽڪرارن ۾ نه پوڻ گهرجي. پاڙيسري بدلائي نٿا سگهجن. اسان ڀارت سان به دوستي جي پوري ڪوشش ڪئي هئي افغانين کي ڪڏهن اسان نفرت کي وڌايو هن چيو ته بندوقن سان مسئلا حل ناهن ٿيندا سياسي حڪومت سياسي حل ڳوليندي آهي ۽ تمام مسئلن جو حل صاف ۽ شفاف چونڊون آهن. دهشتگردي خلاف جنگ ۾ اسان اسي هزار ماڻهو شهيد ڪرايا اسان کي آئڻ کان پهرين ڪمزور ڪيو ويو ته جيئن ڪنٽرول ڪري سگهجي. هن چيو ته اتحادي حڪومت جو حصو بڻجڻ بدران اسان اپوزيشن ۾ ويهڻ پسند ڪنداسين. اليڪشن سان ملڪ ۾ وڌيڪ عدم استحڪام پيدا ٿيندو. اقتصادي خساري جي ڪوٽ جي پورائي ۽ قانون جي حڪمراني لاءِ سڌارن جي ضرورت آهي. هن چيو ته پاڪستان جي فوج اسان جي فوج آهي نوي سيڪڙو فوجي پي ٽي آءِ کي ووٽ ڏيندا. باجوا ايوان صدر ۾ ملاقات دوران چيو ته لاءِ تيار هوندا آهي پي ڊي ايم سان به اسان جي ڪميٽي چونڊن بابت ڳالهه ٻول ڪئي هئي پي ڊي ايم چيو هو ته جسٽس بنديال جي هوندي چونڊون نٿيون ڪرائي سگهجن ڪنهن اندازو ناهي ته اٺ فيبروريءَ تي ڇا ٿيڻ وارو آهي، سندس چوڻ هو ته هو ڪنهن مارشل لا جي نرسري ۾ ناهيو پليو ملڪ ۾ غير يقيني واري صورتحال آهي هر روز عوام جي ڪاوڙ وڌي رهي آهي اٺ فيبروري تي ماڻهو پنهنجي ڪاوڙ ڪڍندا ۽ انهن کي وڏو جهٽڪو لڳندو، جج همايون دلاور جي ميچ فڪس هئي سندس ڏنل فيصلو معطل ٿي ويو پوءِ به مون کي نااهل ڪري ڪيو ويو خاور مانيڪا طرفان عدت ۾ نڪاح جي درخواست ۽ ڪيس هلائڻ تي عمران خان چيو ته عدت ڪيس ۾ جيڪو ڪيو ويو ائين مون ڪنهن ملڪ ۾ اسٽيبلشمينٽ کي ڪندي ناهي ڏٺو خاور مانيڪا ڪمزور ماڻهو نڪتو مان هجان ها ته مري وڃا ها اهڙو ماڻهو آهن

بقايا *** 36

فائرنگ ڪئي. جوابدارن جي فائرنگ ۾ پاڪ ڪالوني ٿاڻي تي مقرر ڪانسٽيبل نويد شاهه ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيو. جڏهن ته فائرنگ سان پوليس موبائل کي به نقصان ٿيو. حفاظت خود اختياري تحت پوليس پارٽي پاران جوابي ڪارروائي ۾ جوابدار زرين عرف ريحان مارجي ويو. جڏهن ته ٻيو جوابدار فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. مارجي ويل جوابدار وٽان هڪ عدد 9 ايم ايم پسٽل سان گڏ رائونڊ ۽ پير آباد ٿاڻي جي حد مان ڦر ڪيل موٽر سائيڪل هٿ آئي. مارجي ويل جوابدار پوليس کي گهربل هو جنهن جي گرفتاري لاءِ حساس ادارا ۽ پوليس ڪوشش ڪري رهي هئي. مارجي ويل جوابدار پراڻو گولي مار ۽ لاڳاپيل علائقن ۾ منشيات نيٽورڪ جو مک آهي. جيڪو بدنام منشيات ڊيلر حاجي رياست جي منشيات نيٽورڪ کي آپريٽ ڪندو هو

بقايا سنڌيار 01

خان جي رهواسي نوجوان مسمات مسڪان پنهنجي 4 مهينن جي معصوم نياڻي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو آهي ته سنڌس گهر واري نوجوان فهيم خواجه ڪيس دوکو ڏئي اڳوڻو مذهب تبديل ڪرائي شريعت تحت شادي ڪرڻ جي بعد ڪيس نياڻي جي اولاد ٿيڻ تي ناخوش ٿي ڪيس 4 مهينن جي نياڻي سميت گهر مان زبردستي مارڪٽ تشدد جو نشانو بڻائي نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي . جنهن جي ڪري هاڻي سنڌس زندگي عذاب ٿي رهي آهي . ڪيس پنهنجا مٽ مائٽ مذهب تبديل ڪرڻ جي ڪري گهر ۾ اچڻ جي اجازت ڏيڻ کان روڪي رهيا آهن هو مختلف هنڌن تي پنهنجي معصوم نياڻي وٺي در در جون ٺوڪرون کائڻ تي مجبور ٿي رئي آهي. سنڌس پيٽ گذران توڙي معصوم نياڻي جي کاڌ خوراڪ لاءِ به پريشان آهي. جنهن جي ڪري هن اعليٰ اختيارين ۽ انسان حقن واري عالمي تنظيمن کان مطالبو ڪيو آهي ته نياڻي جي اولاد ٿيڻ تي گهر مان نيڪالي ڏيندڙ ظالم مڙس فهيم خواجه خلاف قانون جي دائري ۾ ڪاروائي ڪري ڪيس اولاد ٿيل نياڻي جي لاءِ کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪرايو وڃي ۽ ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃي . نياڻي جي اولاد تي ٿيل ظلم تي ڪيس انصاف ڏياريو وڃي . نوجوان ناري پنهنجي مڙس تي نياڻي جي اولاد ڪانپوءِ گهر مان نيڪالي ڏيڻ تي اعليٰ اختيارين کان مڙس جي ڪيل ناانصافي تي ڪيس داخل ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 02

نڪتا آهيون ڌهارين پاران مغوي موبائيل فون تي وارثن کان 50 لک رپيا ڀنگ طلب ڀنگ جي رقم نه ڏيڻ تان لاش موڪلڻ جي ڌمڪي مغوي جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو مغوي جي وارثن پاران ڪچي واري علائقي ۾ پاڪ ڪتاب کڻي ڪچي واري علائقي ۾ گهمايو ويو ڌهارين کي پاڪ ڪتاب جا واسطا ڏنا آهن ته اسان غريبن ۽ مسڪين آهيون اسان جي ڪوبه مدد ڪرڻ جي لاءِ تيار نه آهي اسانجي نوجوان کي آزاد ڪيو وڃي مغوي جا وارث

بقايا سنڌيار 03

قائد جي نوشهروفيروز آمد دوران ڪيترائي سياسي اڳواڻ پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪندا پيپلز پارٽي هميشا عوامي سياست ڪئي آهي ۽ هميشه ادارن جو احترام ڪيو آهي نوشهروفيروز جي جيالن جيالين هميشه قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو ساٿ ڏنو آهي هاڻي به سنڌس موهي بت بلاول ڀٽو زرداري جو ساٿ ڏينداسين نوشهروفيروز جي ورڪرن ۽ جيالين آمر ضياءَ ۽ آمر مشرف جو مقابلو ڪيو ۽ ڪڏهن به ڪنهن آمر ظالم جي سامهون نه جهڪيا هميشا پيپلزپارٽي جو ساٿ ڏئي ڪامياب ڪرايو آهي هن وقت پاڪستان مشڪل ۾ آهي پاڪستان جو عوام تڪليفن ۾ آهي معاشي بحران آهي انهن مشڪلن مان صرف پاڪستان پيپلز پارٽي ئي ڪڍي سگهي ٿي ملڪ ۾ هر طرف غربت بيروزگاري ۽ مهانگائي جو طوفان برپا ٿيل آهي پاڪستان جا ڪجهه سياستدان نفرت ۽ ورهاست واري سياست ڪري رهيا آهن جنهن ڪري پاڪستان کي انهن تقسيم ڪري ڇڏيو آهي ملڪ جو ايندڙ وزيراعظم اسان محبوب ليڊر بلاول ڀٽو زرداري هوندو

بقايا سنڌيار 04

هيڊ تي متاثرين جا الزام . خبر موجب: ٿرڪول بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ شهنگائي ۽ سائينو سنڌ ڪمپنين متاثرين ڳوٺاڻن سان ظلمن ۽ زيادتين جي حد ڪري ڇڏي آهي.متاثر ٿيندڙ ڳوٺ وروائي ۽ تلوايو جا ماڻهو ڪمپنين جي ويل ۾ اچي ويا آهن.ڪوئلي جي کوٽائي دوران نڪرندڙ مٽي جي ڊمپنگ وڌندي ڳوٺ تلوايو جي گهرن مٿي اچي پهتي آهي ۽ ڪاٺين مان نڪرندڙ گهرن ويجهو ڇڏيو ويو آهي.انهي سلسلي ۾ ڄاڻايل ڳوٺ وروائي ۽ تلوايو جي ڳوٺاڻن حاجي ثناءُ الله راهمون،ڪڪو مهراڻپوٽو،امير حسن،سبحان لنجو ۽ ٻين ڪمپنين جي زيادتين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو آهي ته شهنگائي ڪمپني ۽ سائينو سنڌ ڪمپني اسان جي گهرن مٿي ڊمپنگ جي مٽي اڇلائي رهي آهي،ڪاٺين مان نڪرندڙ زهريلو پاڻي گهرن کي گهيري ويو آهي،دانهن ڪرڻ تي ڪمپني جي ڊپٽي سي اي او جوڙي قيوم ،سيڪورٽي هيڊ فرخ وسيم ۽ سائيٽ انچارج امان الله جوڻيجو اسان کي ڳهرائي گرفتار ڪرائڻ سميت ڊيوٽي اٿڪاءِ جي ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون آهن.هن چيو ته ڄاڻايل ڪمپنيون 2019ع ۾ ڪيل واعدن معاهدن تان ڦري ويون آهن.ڪمپنين جا آفيسر اسان جا مسئلا حل ڪرڻ بدران پنهنجين ڪمپنيون ناهي ٺيڪا ڪٺي مال ميڙڻ ۾ لڳي ويا آهن.هن الزام هڻندي چيو آهي ته ڪمپني جي ڊپٽي سي اي او جوڙي قيوم ۽ سيڪيورٽي هيڊ فرخ وسيم پنهنجين ڪمپنين عيوض ٺيڪا پنهنجن ماڻهن کي ڏيارڻ سميت ڌارين ماڻهن کي لڳائي اسان جي حقن تي ڌاڙا هڻي رهيا آهن.هر ماڻهو کي خبر آهي ته ڪمپنين اندر ڪمپنيون ڪنهن جون ڪم ڪن پيون.اسان وٽ ثبوت موجود آهن.اسان ڪوئلي جا مخالف ناهيون.اسان چاهيون ٿا ڪوئلو ٿري ملڪ ترقي ڪري،پر هن ڪمپنين اندر اهم عهدن تي ويٺل عملدارن مقامي ماڻهن هٽ وٺي بليڪ لسٽ ڪري رکيو آهي.هي ٿا چاهين ته مقامي ماڻهن روزگار تي لڳڻ ۽ ٺيڪا کڻن.اگر مقامي ماڻهو هي ڪم ڪندا ته هنن جون ڪميشنون بند ٿي وينديون.اسان ڪافي دفعا ڊي سي،اي سي سميت ٻين کي ڪمپنين خلاف شڪايتون ڪيون آهن.انتظاميا به اسان وارين ساڳين شڪايتن ڪري رهي آهي ته ڪمپنين وارا اسان جي ڪا به ڳالهه نه ٿا ٻڌن.فونون به نه ٿا کڻن.ڳوٺاڻن ڏانهيندي چيو آهي ته حڪومت گهر،تڙ،رستا،گس،گهيڙ،زمينون ۽ قبرستان کسڻ بعد اسان کي ننڌڪو ڪري ڪمپنين حوالي ڪري ڇڏيو آهي.اسان وڏي عذاب هيٺ زندگيون گذاري رهيا آهيون.پ پ جي نمائندن اسان جي دانهن ناهي ٻڌي.اليڪشن ۾ اسان پنهنجي ضمير جو فيصلو ڪنداسين.اڄ کان احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيون ٿا.روزاني بنيادن تي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪبو.انهي بعد ايندڙ خميس تي وڏو ڌرڻو هڻنداسين.

بقايا سنڌيار 05

آدمشماري جا نتيجا قبول ڪيا. سنڌ جي شهرن کي دهشتگردن حوالي ڪيو انهن سنڌ دشمن ماڻهن کي اليڪشن ۾ عبرت ناڪ شڪست ملندي. اهڙن خيالن جو اظهار ڊگهوڙي جهڏو تعلقن تي مشتمل پي ايس 48 تڪ تي عوامي تحريڪ جي اميدوار امير بخش جروار، ميڊيا سينٽر جهڏو تي پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو هن چيو ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڏاڙيل راج قائم ٿيل آهي سنڌ کي جهالت بک بدامني بيروزگاري ڪرپشن مهانگائي لاقانونيت نوڪرين جو پئسن تي وڪرو سميت اٽيڪ مرضن جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي عوامي تحريڪ نج عوامي پارٽي آهي سنڌ جي عوام عوامي تحريڪ جي اميدوارن جا هٿ مضبوط ڪري وڏيرن ۽ جاگيردارن مان جان ڇڏائي ان موقعي تي عوامي تحريڪ جا اڳواڻ اياز ڪوسو، ڪرم ڪلوئي، ممتاز ڪوسو، اياز ڪلوئي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 06

جي اوطاق تي جي ڊي اي جي مقامي اڳواڻ سيد علي رضا عرف جاني شاهه سيد حسين شاهه خاصخيلي اتحاد جي ضلع صدر عبدالرحمان خاصخيلي ۽ فقير وارث راڄڙ جي اڳواڻي ۾ ڪارنر گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ مختلف برادرين جي ماڻهن شرڪت ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ زوار راڄڙ، حاجي عبدالغفار ڪيريو، حبيب ڪيريو، فقير جان محمد جانوري، فقير علي دوست جانوري، اميد علي جانوري، الهه جڙيو راڄڙ، حسين راڄڙ، احمد راڄڙ، آچر راڄڙ، دلاور شاهه، پلو خاصخيلي، حيات خاصخيلي، حسين خاصخيلي، لطيفي جماعت جو خليفو حيدر بخش خاصخيلي، يعقوب خاصخيلي، ساجن خاصخيلي، عمر خاصخيلي، نصير خاصخيلي، اسماعيل راڄڙ سميت جي ڊي اي جي ڪارڪنن ۽ ٻين ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، انهيءَ موقعي تي ڳوٺاڻن پاران جي ڊي اي جي اميدوارن کي ووٽ ڏيڻ جي خاطري ڪرائي وئي

بقايا سنڌيار 07

نتيجي ۾ موٽر سائيڪل ته سوار 2 ٻارن ۽ هڪ عورت سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين کي ساڳئي ويگن ذريعي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ لاڙڪاڻو اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. نئون ديرو پوليس مطابق زخمين جي سڃاڻپ ضلعي خيرپور جي ڳوٺ کهڙا رهواسي احمد الدين ناريجو سان ڪئي وئي آهي جيڪي نئون ديرو جي درگاهه پيرجان محمد تان زيارت ڪري واپس پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هيا. ته نئون ديرو ويجهو ڳوٺ ميتلن کان فيملي سميت زخمي ٿي پيو آهي. زخمي احمد الدين ناريجو ڳنڀير جوڳي حالت ۾ لاڙڪاڻي جي ايمرجنسي وارڊ ۾ وينٽيليٽر تي زير علاج آهي. واقعي واري هنڌ موجود ماڻهن جي چوڻ مطابق حادثو اوچتو وين ڊرائيور جي بريڪ لڳائڻ سبب پويان موٽر سائيڪل جي لڳڻ ڪري پيش آيو.

بقايا سنڌيار 08

۾ ايس ايف اي جي ٽيم سنڌ جي صحت کاتي جي فوڊ ٽيسٽنگ ليب روهڙي جو دورو ڪيو ڊي جي ايس ايف اي آغا فخر حسين چيو ته ليب کي ڪجهه ضروري سامان فراهم ڪيو ويو آهي ۽ عالمي ڊونر ايجنسين ۽ ايس ايف اي جي مدد سان ان کي اپ گريڊ ڪيو ويندو ته جيئن سنڌ جي عوام کي بهتر صحت بخش غذا فراهم ڪئي وڃي. ان دوران ڊي جي ايس ايف اي آغا فخر حسين جي هدايت تي هڪ ٻي ٽيم پي آءِ اي هوٽل جي ڪچن جو دورو ڪيو ۽ ڏٺائين ته ان کي ايس او پيز موجب مڪمل طور تي برقرار رکيو ويو آهي. ڊي جي ايس ايف اي آغا فخر حسين خوراڪ جي ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهن کي ايس او پيز تي عمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 09

ڪيس جو فريادي پرويز چانڊيو،امر رباب چانڊيو عدالت ۾ پيش ٿيا. قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار اڳوڻي ايم پي اي سردار چانڊيو، برهان چانڊيو ۽ ان وقت جو ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو به عدالت ۾ پيش ٿيا. ڪيس ۾ گرفتار ٿيل جوابدار علي گوهر، مرتضيٰ، سڪندر چانڊيو ۽ ذوالفقار چانڊيو کي سخت پوليس پهري هيٺ عدالت آندو ويو.جڏهن ته ڪيس ۾ گرفتار ٿيل جوابدار ذوالفقار چانڊيو پاران ضمانت جي لاءِ عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائڻ تي ٻنهي ڌرين جي وڪيلن پاران دليل پيش ڪيا.جنهن بعد ٻڌڻي دادو ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي جج پاران ڪيس جي ٻڌڻي 26 جنوري تائين ملتوي ڪئي وئي. عدالت ٻاهران امر رباب چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ٽن گهرياتين جي قتل ڪيس کي 6 سال مڪمل ٿي ويا آهن پر هن وقت تائين انصاف نه ٿي سگهيو آهي 6 سالن کان انصاف جا منتظر آهيون عدالت تي يقين آهي انصاف ملندو. ڪيس ۾ گرفتار جوابدار ذوالفقار چانڊيو پاران ضمانت لاءِ درخواست داخل ڪرائي وئي جنهن تي وڪيلن دليل پيش ڪيا آهن ايندڙ ٻڌڻي تي فيصلو ٻڌايو ويندو. جوابدار ذوالفقار چانڊيو 3 سال روپوش رهيو ڪيس مٿان سپريم ڪورٽ انعام رکيو هو ۽ گرفتار نه ٿيڻ سبب ان وقت جي آءِ جي سنڌ کي سپريم ڪورٽ جون حاضريون ڪاٽڻيون پيون هيون. ذوالفقار چانڊيو کي پوليس سمورا وسائل استعمال ڪري وڏي ڏاکائين سان گرفتار ڪيو هو جنهن تي ان وقت جي ايس ايس پي دادو کي تمغه امتياز سان نوازيو ويو هو. عدالتن تي يقين آهي ته سنڌس جي ضمانت واري درخواست رد ڪئي ويندي. هن چيو ته سنڌي نوجوانن ۾ شعور پيدا ٿي ويو آهي برهان چانڊيو کان نوجوان پاران سوال ڪيا ويا آهن جيڪا وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي آهي ڏسي خوشي ٿي ماڻهن سرداري نظام خلاف اٿي بيٺا آهن عوام کي حق آهي ته هو ووٽ وٺڻ لاءِ ايندڙن جي پڇا ڪري ۽ سنڌس کان سخت سوال ڪري هنن اقتدار ۾ رهي ڇا ڪيو آهي. ڪيس جي ٻڌڻي دوران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هئا.

بقايا سنڌيار 10

انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ رفعت مختار جي حڪم تي ايس پي نوشهروفيروز ميڊم سهائي عزيز جي صدارت هيٺ ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪميٽي جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ ضلعي پوليس نوشهروفيروز جي 154 اهلڪارن کي ڪانسٽيبل مان هيڊ ڪانسٽيبل جي عهدي تي ترقي ڏني وئي، ايس پي نوشهروفيروز ميڊم سهائي عزيز ۽ ٻين سينيئر پوليس آفيسرن ترقي يافته سمورن ڪانسٽيبلن کي هيڊ ڪانسٽيبل جا عهدا ڏنا ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو نوشهروفيروز پوليس جي ٻن شهيد اهلڪارن خليل الله چنا ۽ مختيار احمد سهتو کي هيڊ ڪانسٽيبل ۾ ترقي ڏني وئي نوشهروفيروز پوليس جي ترجمان

بقايا سنڌيار 11

اڳيان ڏانهيندي چيو ته ڏيتا برادري جي ماڻهن اسان جي ڳوٺاڻن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. ڏيتا برادري جا ماڻهو اسان جي ڳوٺ ۾ قائم مذهبي مدرسي کي اڏڻ کان روڪي اسان جي گهرن مٿان هلان ڪري حملو ڪري ڏنو جنهن سبب اسان جا ماڻهو سخت زخمي ٿي پيا. هنن چيو ته 2022 جي برساتن ۾ قائم اسان جي ڳوٺ ۾ مدرسي جون پٽيون ڀڃي ڀٽ ٿي ويون هيون جن کي اسان ڳوٺاڻن چندو ڪري ڀيهر ٺهرائي رهيا هئاسين ته ڏيتا برادري جي ماڻهن بنا جواز اسان مٿان هٿيار ساڻ ڪري هلان ڪري اسان جي ماڻهن کي زخمي ڪري ڇڏيو. جنهن کان بعد اسان پوليس کي اطلاع ڪيو مگر پوليس ڪک پڇي پيٽو ناهي ڪيس هنن چيو ته ڏيتا برادري جا ماڻهو اسان کي مختلف طريقن سان حراسان ڪري رهيا آهن. ڏيتا برادري جا ماڻهو اسان مٿان فائرنگ، رستا روڪ ۽ ڪڏهن وري اسان جي گهرن جي ويڊيو ناهي تنگ ڪندا رهن ٿا. هنن وڌيڪ چيو ته اسان تر جي چڱن مڙسن کي دانهون ڏنيون آهن مگر ڪو به تدارڪ نٿو ڪيو وڃي. هنن DIG حيدرآباد، SSP حيدرآباد امجد احمد شيخ ۽ ٻين وس وارن کان نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 12

متاثر ڪوهستان واسي سراپا احتجاج بڻيل. ان سلسلي ۾ قديمي ڪوهستاني ڳوٺ صوفن جاڪرو جي ڪيترن ئي متاثر رهواسين بااثر ماڻهن جي زيادتين توڙي سندن ڳوٺ جي زمينن تي ٿيندڙ قبضن خلاف سخت احتجاج ڪندي طارق جاڪرو، جمن خان، علي مراد جاڪرو ۽ ٻين ڏانهيندي چيو آهي ته سندن قديمي ڳوٺ صوفن جاڪرو نوري آباد جي صنعتي زون واري علائقي ۾ واقع آهي. جنهن جي ٻاهران چوطرف چوديوارن ۽ فيڪٽريون لڳي ويون آهن. پر هاڻي سائيٽ ايريا پاران ڳوٺ جي زمين خالي ڪرائڻ لاءِ پوليس نفري کي مقرر ڪرائي ڳوٺاڻن کي حراسان ڪري بيدخل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. هنن چيو ته اسان جو ڳوٺ صوفن جاڪرو سوين سال پراڻو قديمي ڳوٺ آهي. جنهن ۾ سوين گهر آباد آهن ۽ ڳوٺاڻن وٽ ڳوٺ جي زمين جو رڪارڊ پڻ موجود آهن. ان هوندي به سائيٽ ايريا جا آفيسر جعلي فائل تيار ڪري پوليس جي مدد سان ڳوٺ کي مسمار ڪرڻ چاهين ٿا. جيڪا سائن وڏي ناانصافي آهي. پر اسان ڪنهن به صورت ۾ پنهنجو ڳوٺ توڙي پنهنجا گهر نه ڇڏينداسين. هنن چيو ته سائن ٿيندڙ ههڙين ناانصافين تي علائقي واسي معززين توڙي ضلعي انتظاميه به خاموش تماشائي بڻيل آهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ته سندن قديمي ڳوٺ صوفن جاڪرو جي زمين تي ٿيل قبضو خالي ڪرائي، ڳوٺاڻن سان انصاف ڪري ڪين تحفظ مهيا ڪيو وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 13

واسين جو ٿاڻي ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ۽ علائقي واسين جو چوڻ هو ته علائقي واسي گندگي جي ور چڙهيل آهن موٽر اپريٽر گهر ويٺي پگهارون کڻن ٿا واٽر سپلاءِ تي مقرر ٿيل عملو ڊيوٽي تي موجود نه هجڻ ڪري چور 30 لک ماليت جون موٽرون چورائي ويا آهن اسان جي شڪايتن باوجود پوليس خاموش تماشائي جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي، واٽر سپلاءِ جون موٽرون چوري ٿيڻ بعد ڳوٺ ۾ پاڻي جي کوٽ پيدا ٿي وئي آهي. ڪاروباري ۽ گهريلو سرگرميون سخت متاثر ٿي ويون آهن. هنن اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي علائقي ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ چورن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 14

جي نائب صدر چونڊجڻ تي بلال وقار خان جي اعزاز ۾ شاندار تقريب ۽ شاندار ڊنر جو انتظام ڪيو ويو جنهن جو انتظام چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي سينيئر نائب صدر ڳرداس واڌواڻي، نائب صدر محمد فيصل مغل، اڳوڻي صدرن، ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ۽ ٻين سينيئر ميمبرن ڪيو. ان موقعي تي بلال وقار خان تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو سکر چيمبر جي ميمبرن، شهر جي واپاري تنظيمن ۽ سنڌ جي سمورن چيمبرن جو ٿورائتو آهيان. انهن جي سهڪار ڪانسواءِ وفاق جو اليڪشن کٽڻ ناممڪن هو. جنهن لاءِ مان سڀني جو ٿورائتو آهيان. هن چيو ته ايف پي سي سي آءِ جي آفيسرن ۾ ڪم ڪرڻ جو وڏو جذبو آهي ۽ هو سنڌ جي سمورن ڪاروباري حلقن جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندا. هن چيو ته ڪاروباري حلقن کي درپيش تمام گهڻا مسئلا هر لاڳاپيل اداري جي ضلعي آفيسرن ڏاهن آهن. جنهن تحت سنڌ جي 9 چيمبرن جي نمائندن تي مشتمل هڪ ڪميٽي جوڙي وئي آهي جنهن ۾ ڪوآرڊينيٽر جي نامزدگي به ڪئي پئي وڃي غور ڪيو ويو. جڏهن ته FPCCI پاران 9 چيمبرن جا ضلعي نامزد ميمبر مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي انهن ضلعن جي ايس پيز سان رابطو ڪن ته جيئن امن امان جي مسئلن کي حل ڪيو وڃي. ان موقعي تي سکر چيمبر جي اڳوڻي صدر محمد دين، انجنيئر عبدالفتاح شيخ، عامر علي خان غوري، محمد رفيق دوسائي، دادو چيمبر آف ڪامرس جو صدر پرديپ ڪمار، جنرل باڊي ميمبر زبير احمد برفت، شڪارپور چيمبر آف ڪامرس جي ميمبر عمران ناصر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. نصرت شهزاد شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي بلال وقار خان جي واپاري برادري ۽ شهرين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پيش قدمي ۽ جدوجهد کي ساراهيو. بلال وقار خان کي ايف پي سي سي آءِ سنڌ چيمبر جو نائب صدر چونڊجڻ تي ايگزيڪيوٽو ميمبر عبدالعزيز شيواڻي شاندار ٻڳ پيش ڪئي. وائيس چيئرمين محمد فيصل مغل، سکر چيمبر مان فيڊريشن جي نامزد جنرل باڊي ميمبر محمد فهيم ميمڻ، فرحت الله آخوند، مولانا محمد ميمڻ، عثمان فيضي، محمد فيصل ميمڻ خاص تحفا ڏنا ۽ شڪارپور چيمبر جي عمران ناصر سنڌي ٽوپي پيش ڪئي. ڪيترن ئي ماڻهن گلن جا گل پيش ڪيا ۽ هار پارايا. تقريب ۾ سکر هائوس جا ميمبر، بينڪرز اعجاز شيخ، نصير شيخ، واپاري تنظيمن جا نمائندا شامل هئا. جنيد شيخ، ظهير پٽي ۽ ٻيا ڪيترائي شامل هئا.

بقايا سنڌيار 15

جي ڪوشش دوران واپاري مزاحمت ڪري هڪ ڦورو حنيف ڪچي پسٽل سميت جهلي ورتو ٻيو ڦورو فرار ٿي ويو اطلاع تي پوليس نه پهتي واپارين ۽ شهرين ڦورو کي ٿاڻي تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو ايس ايڇ او گهارو جاءِ واردات تي نه پهتو واپارين ۽ سول سوسائٽي پاران بدامني ۽ ٻيو ڦورو گرفتار نه ڪرڻ جي صورت ۾ احتجاج جو ڇتاءُ ڏئي ڇڏيو تفصيل موجب رات 9بجي مهيش شرما جي ايزي لوڊ جي دڪان تان ٻه ڦورو هٿيار جي زور تي 3 لک رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا اطلاع باوجود پوليس ڪابه ڪاروائي نه ڪئي ۽ نه ڪا ناڪابندي ڪئي وئي جنهن جي رپورٽ گهارو ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي اڄ صبح 10 بجي ٿاڻي جي سامهون واپاري ۽ سينئر صحافي مهيش ڪمار ٽڪياڻي کان هٿيار جي زور تي ڦر جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن تي مزاحمت ڪرڻ سان هڪ ڦورو پسٽل سميت سوگهو ڪري ورتو اطلاع تي واپاري سول سوسائٽي جا اڳواڻ شهري موقعي تي پهچي ويا پر پوليس جاءِ واردات تي نه پهتي واپارين ۽ شهرين سوگهو ٿيل ڦورو ٿاڻي تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته 24 ڪلاڪن ۾ ٻه ڦر جون وارداتون ٿيڻ باوجود ايس ايڇ او گهارو ڪوبه تحرڪ نه ورتو واپاري ۽ شهري پنهنجي مڙسي پاڻ تحت پنهنجي حفاظت ڪرڻ لڳا پوليس جي رٽ مڪمل طور تي ختم ٿي وئي آهي جڏهن ته واپارين ۽ سول سوسائٽي پاران ٻيو ڦورو گرفتار نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو ڇتاءُ ڏنو آهي

بقايا سنڌيار 16

جي پاران مصطفائي مدرسي شڪارپور ۾ گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ پي ايس ست جي پ پ اميدوار امتياز احمد شيخ پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شيعه علماءِ ڪائونسل ڊويزن لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري علي احمد ٻرڙو پاران شيعه علماءِ ڪائونسل جي ضلعي قيادت جي مشاورت بعد متفق راءِ سان پي ايس ست تي پ پ جي اميدوار امتياز احمد شيخ جي حمايت جو اعلان ڪيو ۽ مڪمل طور ووٽ ۽ سپورٽ ڪرڻ جو اعلان ڪيو.ان موقعي تي امتياز احمد شيخ ڳالهائيندي چيو ته مان شيعه علماءِ ڪائونسل جي سڀني عهديدارن جو شڪر گذار آهيان جن مون تي مڪمل طور اعتماد جو اظهار ڪري پي ايس ست تي منهنجي سپورٽ جو اعلان ڪيو آهي. ان موقعي تي شيعه علماءِ ڪائونسل ضلعي شڪارپور جي قيادت سان گڏ تمام مدرسن جا مهتمم درگاهن جا متولي ۽ مسجدن جا پيش امام موجود هئا.

بقايا سنڌيار 17

پي 15 جي 15 سال حڪمراني تاريخ جي ناقص حڪمراني ثابت ٿي سنڌجون اسپتالون روڊ رستا تباهه آهن. اهڙن ڳالهين جو اظهار پي ايس 10 رتوديرو جي آزاد اميدوار محمدعلي ابڙو صحافين سان ملاقات ۾ ڪيو هن جو چوڻ هو ته پي پي حڪومت 20 لک گهرن جا ڪوڙا ڏنا ڏئي عوام کي دوکو ڏنو ٻوڏ متاثرن جي نالي تي پيپلن ڪروڙين رپيا ناهيا آهن . جنهن جو حساب عوام هنن کان اليڪشن ۾ وٺندو . هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته عوام اکيون کولي 8 فيبروري ڪرپٽ ٽولن کان حساب وٺڻ جو ڏينهن آهي رتوديرو جون مختلف برادرين جو اسان تي اعتماد آهي مخالفن جو ڀرپور مقابلو ڪنداسين اسان جو منشور ڪرپشن ڪندڙ چورن کي چوراهن تي ٽنگڻ، مظلومن جي قانوني مدد ڪرڻ، ٻهراڙين ۾ نياڻين جي تعليم کي عام ڪرڻ . غريب مسڪين ماڻهن لاءِ هر ڳوٺ ۾ ايمبولينس جو بندوبست ڪرڻ. هر علائقي ۾ ليبارٽريون قائم ڪرڻ. نوجوانن لاءِ سکيا جا هنري مرڪز قائم ڪرڻ ،غريب ۽ اميرجي علاج ۽ تعليم وارو فرق ختم ڪرڻ آهي انشاءُ الله هن دفعي عوام جي طاقت سان دمادم مست قلندر ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 18

مظاهرو ڪيو ويو آهي. مظاهرين هٿن ۾ پليڪارڊ کڻي پيپلزپارٽي خلاف سخت نعريبازي ڪئي. اڳواڻ حافظ راشد، مشتاق احمد، نعمت الله شاهاڻي، بشير احمد ڪوڪر ۽ ٻين چيو ته قاضي احمد ۾ قتل ٿيل ٽي ايل پي جي ڪارڪن ڦوٽو زرداري جي قتل ڪيس ۾ روپوش پيپلزپارٽي جي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، فوري آءِ جي سنڌ معاملي جو نوٽيس وٺي، جوابدار گرفتار نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 19

گرگيز جي ڳوٺاڻن راجا عمران گرگيز، سعيد علي، دلبر علي، چنون پيل ۽ ٻين احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو ته حيسڪو سب ڊويزن نئون ڪوٽ جو ملازم فدا ڪيهري ٽالهي فيڊر جي مختلف ڳوٺن ۾ رشوت عيوض بااثرن کي بجلي چوري لاءِ ڪنڊا لڳرائي اسان کي ڳرا بل اماڻي رهيو آهي جنهن جي ڪري هن مهانگائي واري دور ۾ اسان سخت پريشان آهيون هنن چيو ته بجلي چوري جي ڪري اسان وٽ 18 ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ رهي ٿي. هنن واپڊا اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 20

پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ، احتجاج ۾ شامل تحريڪ لبيڪ جي اڳواڻن محمد امين ، نواز قادري ، ڊاڪٽر محمد شهباز آرائين ۽ ٻين چيو ته نوابشاهه ۾ قتل ٿي ويل ڪارڪن ڦوٽو زرداري کي هٿيار بندن بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو آهي پر پوليس جوابدار گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو

بقايا سنڌيار 21

نئون ديرو پرسان ڳوٺ پنجوديرو ۾ پهچي مرحوم اطهر حسين چڇڙ جي وفات تي مرحوم جي والد شاهد حسين چڇڙ، چاچي پ پ يونين ڪائونسل ڳوهي خدابخش ڀٽو جي نائب صدر، سرائي طارق حسين چڇڙ ۽ سرائي اعجاز احمد چڇڙ سان تعزيت ڪري ڏک ۽ غم جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ڳوٺاڻن ۽ پارٽي ڪارڪنن پاران فريال ٽالپر جو ڳوٺ ۾ پهچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويو. ان موقعي تي سنڌس سان گڏ پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جو جنرل سيڪريٽري، ضلع ڪائونسل لاڙڪاڻو چيئرمين اعجاز احمد لغاري، پي ايس 12 جو اميدوار سهيل انور سيال، سردار غلام مصطفيٰ لغاري، تعلقه رتوديرو جو صدر لالا نظر محمد پٺاڻ، جنرل سيڪريٽري زاهد حسين جلباڻي، سٽي نئون ديرو جو جنرل سيڪريٽري وائيس چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو محمد انور ٻرڙو، اظهر نعمت الله ناريجو، بابر حميد ڀٽو، ديدار علي ڀٽو، محمد علي ابڙو، جاويد ميمڻ، محمد اسحاق چنو، عبدالغفور جويو ۽ ٻيا عهديدار موجود هئا، ان دوران ڳوٺ پنجو ديرو ۾ سيڪيورٽي جا انتظام سخت رکندي پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 22

ڏينهن کان هلندڙ تڪرار واريون خبرون مسلسل ميڊيا ۾ هلڻ ڪانپوءِ پوليس جي اعليٰ عملدارن نوٽس ورتو ڊي ايس پي ٽنڊوڄام يعقوب ٻرڙو نفري سان گڏ ڪري مذهبي مدرسي واري جاءِ تي پهتو جتي ڊي ايس پي ٽنڊوڄام مدرسو گهمي جائزو ورتو. جنهن کي ڳوٺاڻن مڪمل ڄاڻ ڏيندي ٻڌايو ته هي مدرسو اسان جي ڳوٺ جي ملڪيت آهي ۽ هن ۾ ڳوٺ ۽ ڀرپاسي جون نياڻيون اسلامي تعليم پرائين ٿيون. گذريل برسات ۾ مدرسي جون پٽيون ڪرڻ بعد اسان ڳوٺاڻن چندو ڪري پٽيون اڏڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڏيتا برادري جي ڪجهه ماڻهن هلان ڪري اسان مٿان فائرنگ ڪئي ۽ اسان جي برادري جي ڪجهه ماڻهن کي زخمي ڪري ڇڏيو. جنهن کان بعد اسان پوليس ۽ چڱن مڙسن کي دانهن ڏني پر ڪو به تدارڪ نه ڪيو ويو جنهن تي ڊي ايس پي ٽنڊوڄام يعقوب ٻرڙو ڳوٺاڻن کي انصاف ۽ تحفظ جي خاطري ڪرائيندي چيو ته مدرسي جو معاملو جلد حل ڪيو ويندو ۽ اڳرائي ڪندڙ ڌر کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو. ٻي پاسي ڳوٺاڻن پوليس جي اعليٰ عملدارن کان انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 23

عوام جي خدمت ڪري ها ته هينئر پنهنجي مهم دوران ورڪ لاءِ بلاول زرداري ۽ سنڌس ڀيڻ کي نه گهرائين ها. ايئن رڳو 5 سال جي ڊي اي جي حڪومت هجي ها ته هينئر ووٽن جي ورڪ لاءِ نڪرڻ جي ضرورت ئي نه پوي آهي عوام جي محبت ڏسي يقين ٿي ويو آهي ته پير سائين پاڳارا جا نامزد ڪيل اميدوار وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندا انشاالله سانگهڙ ضلعي کي هڪ ڀيري ڀيهر پيرپاڳاري جو قلعو بڻائينداسين. اهڙو اظهار هن پريس ڪلب شهدادپور جي چونڊيل عهديدارن کي پريس ڪلب پهچي واڌايون ڏيندي ڪين اجرڪن جا تحفا پيش ڪرڻ بعد تقريب کي خطاب ڪندي جي ڊي اي جي ايم اين اي، سائره بانو وسان وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي 15 سالا دور اقتدار ۾ رهڻ باوجود سنڌ کي خوشحالي ڏيڻ بدران تباهه ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هاڻي وري اقتدار جا مزا ماڻڻ لاءِ عوام کي بجلي جا 300 يونٽ مفت ۽ پنجاب ۾ گهر ٺاهي ڏيڻ جو چورن وڪرو ڪري رهيا آهن ليڪن عوام ڪين سڃاڻي چڪو آهي هن چيو ته برسات ۾ ٻوڏ ۽ سيلاب دوران سنڌ جي ماڻهن کي هٿ وٺي ٻوڙائي. ٻن مالي ۽ جاني نقصان ڏنو ويو ڪيترا ماڻهو ٻڏي ويا پر پيپلز پارٽي پي ڊي ايم سرڪار ۾ مزا ماڻي مسڪين غريب ماڻهن کي ملندڙ امداد کي مال غنيمت سمجهي هڙپ ڪري وئي. ۽ ماڻهو پنهنجا پار وڪڻڻ تي مجبور ٿي ويا پر ان ٻوڏ جي مشڪل ۽ ڏکوئيندڙ وقت ۾ به عوام کي بخش نه ڪيو ويو هن چيو ته بينظير انڪم سپورٽ جي نالي تي ماڻهن کي فقير بڻائي پنڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. خدارا عوام سجاڳ ٿي پنهنجا حق ڄاڻي. سائره بانو چيو ته سانگهڙ ضلعي ۾ آئل اينڊ گيس جي وڏي فيلڊ آهي پر شهدادپور ۾ گئس ناهي،جيڪو وڏو ظلم آهي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته شهدادپور شهر جا روڊ رستا سڀ گٽرن جي پاڻي هيٺ لڳا پيا آهن. هتان جي عوام کي گهرجي ته هو اهڙن نمائندن کي اڳتي اچڻ ڏين جيڪي اوهان جا مسئلا حل ڪن.ان موقعي تي صدر مهدي حسن پنهورپريس ڪلب جي سرپرست نثار بالادي،قاسم ڪلوئي،شادعلي منگي ۽ ٻين خطاب ڪندي سائره بانو ۽ سنڌس آيل ٽيم جو ٿورو مڃيو

بقايا سنڌيار 24

جيل پهچي دادو جيل جي مختلف وارڊن ۽ سهولتن جو جائزو ورتو ۽ دادو ڊسٽرڪٽ جيل ۾ شجرڪاري مهم جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي ڊي آءِ جي جيل خاناجات حيدرآباد محمد ناصر خان کي ايف سي ۽ دادو جيل پوليس جي جوانن سلامي ڏني، ڊي آءِ جي جيل خاناجات حيدرآباد چيو ته سنڌ جي جيلن ۾ خصوصن دادو ضلعي جي جيل ۾ وڻ ڪاري مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ اسان سڀني کي عمل ڪرڻ گهرجي ته جيئن جيل اندر قيدين کي ماحولياتي گدلاڻ ۽ گرمي جي اثرات کان بچڻ لاءِ مدد ملي سگهي سنڌ جي جيلن اندر وڌ کان وڌ سڃاڪاري ڪئي وڃي، ڊي آءِ جي جيل خاناجات حيدرآباد وڌيڪ چيو ته شجرڪاري ڪرڻ سان دادو ضلعي سميت پوري سنڌ اندر گرمي پڻ گهٽ ٿئي سگهي ٿي وڻ پوکڻ سان ساوڪ ۽ سونهن، چانو ٿئي ٿي جنهن سان لکين انسانن توڙي جانورن ۽ پکين کي فائدو رسي ٿو.وڻ پوکڻ صدقه جاريه آهي. اجوکي هن منهنجي دوري جو مقصد پاڪستان ۽ سنڌ کي سرسبز ڪرڻ ۽ ماحولياتي گدلاڻ ختم ڪرڻ آهي هميشه ادارن اندر ساوڪ صفائي ۽ باغيچن جي حمايت ڪئي آهي جيل اندر هر سال نوان وڻ پوکڻ ۽ انهن جي پالنا ڪرڻ گهرجي. هر انسان ذات، کي اهو احساس عادت وجهڻ گهرجي ته جيئن پنهنجي شهر، گهرن ۽ آفيسن اندر ساوڪ ۽ صفائي جو خاص خيال رکن،وڻ لڳايو ماحول بچايو وڻ انسان ذات جي زندگي ۾ وڏي اهميت رکي ٿو ۽ قدرتي نظام آهي ته جتي وڻ ساوڪ هوندي اتي وڌ ۾ وڌ برسات به پوندي آهي ضلعي اندر ۾ وڻ پوکيا وڃن ۽ اسان سڀني شهري توڙي ٻهراڙي انسان ذات جو فرض آهي ته اسان هر هنڌ اهيو سجرڪاري جو شعور ڪريو ڊي آءِ جي جيل خاناجات جيل اندر وڻ کٽي ۽ قيدين کان جيل مينيوئل بابت به ڄاڻ ورتي،ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ پريزن ۽ ڪريڪشن آفيسر دادو امتياز علي سومرو چيو ته اسان جيل اندر 1600 ٻوٽا گهرايا آهن جنهن ۾ جامن انب، اسابري، گلاب،جاسمين جا وڻ ۽ ٻوٽن جون چڪيون آهن جيڪي دادو جيل کي خوبصورت بنائيندو منهنجي ڀهرين به اهيا ڪوشش رهي آهي ته دادو جيل اندر وڌ کان وڌ ٻوٽا پوکيا وڃن ته جيئن ماحولياتي گدلاڻ کان بچي سگهجي،ان موقعي تي منوج ڪمار آر ايف او دادو سوشل،منصب علي،غلام حيدر ڪلهوڙو ايف جي،ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر ڊيشان لغاري،جونيئر ڪلارڪ فرقان غني منگي سميت دادو جا صحافي پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 25

تان ٻن نامعلوم هٿياربند ڦورن هٿيار جي زور تي 3 لک رپيا ڪيش رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. گهارو ٿاڻي تي رپورٽ درج ڪرائڻ باوجود گهارو پوليس ڪابه ڪاروائي عمل ۾ آڻي ناهي سگهي.

بقايا سنڌيار 26

اسٽيشنن ۾ 1516 پولنگ بوٿ قائم ڪيا ويا آهن. جڏهن ته اليڪشن ڪميشن پاران 894 سينيئر اسسٽنٽ پرزائيڊنگ ۽ پرزائيڊنگ آفيسر، جڏهن ته 4351 اسسٽنٽ پرزائيڊنگ ۽ پولنگ آفيسر مقرر ڪيا ويا آهن. جن جي تربيتي ورڪشاپ شروع ٿي ويو آهي، اليڪشن ڪميشن جي اختيارين موجب سموري عملي جي تربيت وارو پروگرام شروع ٿي ويو آهي، جيڪو 29 جنوري تائين جاري رهندو. چونڊن بابت سموري انتظامن کي مڪمل ڪرڻ سان گڏ سيڪيورٽي جا پڻ سخت انتظام ڪيا ويا آهن. جن ۾ پوليس سان گڏ رينجرز ۽ پاڪ فوج جا جوان پڻ حساس پولنگ اسٽيشنن تي مقرر ڪيا ويندا.

بقايا سنڌيار 27

حلف کڻي ورتو. پ پ اڳواڻ امتياز احمد شيخ حلف کنيائين: خبر موجب شڪارپور پريس ڪلب جي سال 2024 لاءِ چونڊجي آيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب شڪارپور پريس ڪلب ۾ منعقد ٿي، تقريب جو مهمان خصوصي اڳوڻو صوبائي وزير امتياز احمد شيخ ۽ اعزازي مهمان اڳوڻو ضلعي ناظم شڪارپور محمد عارف خان مهر هو. ان موقعي تي مهمان خصوصي امتياز احمد شيخ نئين منتخب ٿيل عهديدارن صدر سوڊو جيمس، نائب صدر عارف قريشي، جنرل سيڪريٽري عبدالسلام انڙ، جوائنٽ سيڪريٽري ارشاد آرائين، خزانچي عبدالخالق سومرو ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن اياز منگي، آغا اسرار، زاهد نون، رحيم بخش جمالي، عبدالرشيد چاهڙ، عبدالحڪيم جتوئي کان حلف ورتو ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي اڳوڻي صوبائي وزير امتياز احمد شيخ چيو ته نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو ته هو شڪارپور جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ ڪردار ادا ڪندا. هن چيو ته پريس ڪلب سان اسان جو ويجهو تعلق آهي. هن چيو ته پ پ هميشه ميڊيا جي آزادي جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ ادارن کي مضبوط بڻائڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. هن چيو ته اليڪشن جو ماحول هلي رهيو آهي. شڪارپور ضلعي جي پنجن ئي سيٽن تان پ پ اميدوار ڪامياب ٿيندا. هن چيو ته مان شڪارپور جي عوام جي بهتري لاءِ ڪم ڪيو آهي. منهنجو مخالف اميدوار به حڪومتي دورن ۾ رهيو ۽ ڪيس ڪافي وزارتون هيون هن نه ڪو به ڪم نه ڪيو اگر شيخ اياز يونيورسٽي يا شڪارپور ۾ ايس آءِ يو ٽي قائم ڪرائڻ جهڙو ڪو ڪم ڪيو ته ٻڌائي. هو نئون مولوي صاحب ٿيو آهي پر ان باوجود ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي. 8 فيبروري تي اسان جي ڪاميابي ۽ مخالفن جي شڪست جو ڏينهن آهي. تقريب کي محمد عارف خان مهر خطاب ڪندي چيو ته اسان سدائين ميڊيا جي عزت ڪئي آهي، اسان کي اميد آهي ته شڪارپور جا صحافي مسئلن جي صحيح نشاندهي ڪندا. هن چيو ته اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ عوام جي بهتر خدمت ڪنداسين. هن چيو ته اليڪشن ۾ بيٺا آهيون سڀ سواءِ ڌوهارين جي جيڪو به عوام آهي اهو اسان جو آهي اسان انهن جا آهيون. جاموٽ ۽ بروچ جو غلط تاثر ڏنو وڃي پيو پر حقيقت ۾ اسان ڌوهارين جي خلاف آهيون. ناظمي دور ۾ عوام جي خدمت ڪئي آهي جيڪي ترقياتي ڪم رڪارڊ جو حصو آهن. چونڊجي اچڻ بعد اڳ جيان شڪارپور ضلعي جي عوام جي خدمت ڪنداسين. ان موقعي تي پروفيسر افضل شيخ، مولوي فرحان، تاج محمد شيخ، سردار جمال الدين جهلڻ، پ ٽ الف سنڌ جو صدر غلام رسول مهر، ڊائريڪٽر انفارميشن ارشاد چانڊيو، سيد جمال شاهه، عبدالوهاب ڪاغذي، علي احمد ٻرڙو، سميع بلالي، اسدالله سومرو ۽ ٻيا موجود هئا. جڏهن ته اليڪشن جو معاون عاشق دايو عهديدارن جي انائونسمينٽ ڪئي

بقايا سنڌيار 28

الزامن بي بنياد ثابت ٿي ويا.دادو جي نيڪ مرد وٽ ٿيل فيصلي ۾ اڳوڻو ايم ايس ڊاڪٽر زاهد کهڙي جي اغوا وارو معاملو ڪوڙو ثابت ٿيو.ڊاڪٽر زاهد کهڙو پاران لڳايل الزام ڪوڙا ثابت ٿيڻ تي معزرت وٺڻ لاءِ ڊاڪٽر گلزار پنهور وٽ پهچي ويو نيڪ مرد جي فيصلي موجب ڊاڪٽر زاهد کهڙو الزام هيٺ آيل ڊاڪٽر گلزار جي تڏي تي لڙي ويندو جنهن بعد هاڻوڪي ايم ايس ڊاڪٽر امجد مستوئي وٽ پهچي معزرت ڪئي. ڌرين ۾ هلندڙ اختلافن جي نبيري بعد ڌرين کير ڪنڊ. الزام هيٺ آيل ڌر ڊاڪٽر زاهد کي ڪهي اچڻ تي معاف ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 29

ايس پي گهوٽڪي کان انصاف جو مطالبو. اسان پنجيتاليه سال اڳ سعيد خان گبول کان پلاٽ خريد ڪيو هيو جنهن جي لکت ۽ ڪاتو موجود هجڻ باوجود ڏنڊي جي زور تي قبضو ڪيو پيو وڃي جيڪو ظلم آهي منور عرف منو ڪاسائي، تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو سٽي جي پراڻي مارڪيٽ هزاري شاهه محلي جي رهواسين جو پلاٽ تي قبضي خلاف ميرپور ماٿيلو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي منور عرف منو ڪاسائي، سني ڪاسائي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان پنجيتاليه سال اڳ سعيد خان گبول کان پلاٽ ورتو هو جنهن جي لکت ۽ ڪاتو موجود هجڻ باوجود قبضا مافيا جي ڪارندن اڪو عرف طفيل ملڪ ۽ بااثرن جي زور تي پلاٽ تي قبضو ڪري اڏاوت شروع ڪري رهيا آهن جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان اهڙي ظلم خلاف ميرپورماٿيلو پوليس ۽ آفيسرن وٽ وڃي وڃي ٿڪجي ويا آهيون پر اسان مسڪينن جو ڪوبه دانهن ڪوڪ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي جنهن سبب بااثر قبضا مافيا جي ڪارندن پاران اسان جي هڪ ڪروڙ روپين جي ماليت جي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ لاءِ مسلسل سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جيئن اسان خاموش ٿي وڃون ڀهريان به ڄاڻايل قبضا مافيا جي ڪارندن پاران اسان جي پاءِ جي پلاٽ تي قبضو ڪيو هيو جنهن جي صدمي ۾ نوجوان سهيل قاصائي سميت ٻه عورتون فوت ٿي ويون هيون پر هن وقت تائين اعلي اختيارين پاران قبضا مافيا خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي هنن ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران ، ڪمشنر سکر ڊويزن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته پلاٽ تان قبضو ختم ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 30

جي گرفتاري نه ٿيڻ، اڻ اعلانيل سينسر شپ، صحافين جي جبري برطرفين ۽ معاشي قتل خلاف سکر ۾ به احتجاجي مظاهرو. قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي، سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ کان سنڌ حڪومت ۽ پوليس خاموشي تي نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪئي وئي، پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ سنڌ اليڪشن ڪميٽي جي سڏ تي پوري ملڪ جيان سکر جي صحافين 159 ڏينهن تي به احتجاجي تحريڪ جاري رکندي سکر پريس ڪلب ٻاهران سکر يونين آف جرنلسٽ جي صدر امداد ٻوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪندي قاتلن جي گرفتاري ۽ صحافين سان ٿيندڙ زيادتين خلاف سخت نعريبازي ڪئي . ان موقعي سکر پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير لوڌي ،سيد احقر شاهه ،شهزاد تاباڻي، جاويد جتوئي، سليم سهتو، عمر سومرو، جلال الدين ڀيو،يار محمد سومرو، قاضي ضياء الرحمان، سجاد پاشا، فريد سومرو، سجاد شاهه، تذاقي شاهه، فيصل آرائين، جي ايم حيدري، ارشاد ڌنيڻ، محمد علي سولنگي، اسلم دايو، انس ملڪ، عقيل قريشي سميت سياسي، سماجي، سول سوسائٽي ۽ واپاري تنظيمن سان تعلق رکندڙ اڳواڻن جنيد شيخ، عذرا جمال، شبير ميمڻ، محبوب سهتو،ڊاڪٽر نذير ڪوڪر ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته اڄ به صحافي عدم تحفظ جو شڪار آهن. ميڊيا ادارن مان صحافين جون جبري برطرفيون ڪري سندن معاشي قتل عام جاري آهي صحافي عدم تحفظ جو شڪار آهن جنهن جو مثال شهيد جان محمد مهر جي وڇوڙي کي 159 ڏينهن ٿي ويا پر قاتل گرفتار نه ٿيا ڪيا وڃن هنن چيو ته صحافين جي مسلسل احتجاجي سلسلي باوجود سنڌ جي نگران حڪومت پنهنجي ڪرايل خاطرين تي ڪوبه عمل نه ڪيو آهي جنهن سبب ايف آئي آر ۾ نامزد ڪيل جوابدار اڃان تائين آزاد آهن ۽ پوليس پنهنجي روايتي خاموشي برقرار رکي ويٺي آهي نگران سنڌ حڪومت پوليس جي اٽڪل بازين تي خاموش تماشائي بڻيل آهي اڳواڻن چيو ته 5 مهينن کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو آهي رڳو صحافين کي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ لارا لپا ڏنا ويا آهن اسان واضح ڪندا پيا اچون ته هن ڪيس کي روايتي نه سمجهيو وڃي اسان پنهنجي ساٿي جي خون تي هرگز خاموش نه ويهنداسين. جيستائين قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي تيستائين جدوجهد جاري رهندي اجوڪي ملڪي سطح تي ٿيل احتجاج بعد پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي سنڌ اليڪشن ڪاميٽي پاران احتجاجي تحريڪ جي حوالي سان 25 جنوري احتجاجي بڪ هڙتال جو اعلان ڪيو ويو آهي، اڳواڻن سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کان مطالبو ڪيو ته صحافين سان ٿيندڙ ناانصافين ۽ شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ جو نوٽيس وٺي صحافين ۾ پکڙيل بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 31

غلام نبي ميمڻ طاهري، جوائنٽ سيڪريٽري آفتاب احمد برهماڻي طاهري ۽ آڊيٽر عبدالاحد لغاري طاهري جي اڳواڻي هيٺ برانچ ڳوٺ پيارو خان آرائين لڳ قلچي ۽ برانچ ڳوٺ هيرو خان جوهي ۾ سليڪشن اجلاس ڪري چونڊيا ويا. جنهن مطابق برانچ ڳوٺ پيارو خان آرائين جو صدر حافظ ڪريم بخش مري، جنرل سيڪريٽري مولوي خير محمد آرائين، فنانس سيڪريٽري نياز حسين ملاح ۽ ٻيا چونڊيا ويا جڏهن ته برانچ ڳوٺ هيرو خان جوهي جو صدر حاجي محمد ادريس ڀيل، جنرل سيڪريٽري بشير احمد ڀيل، فنانس سيڪريٽري غلام سرور ڀيل ۽ ٻيا چونڊيا ويا. ان موقعي تي ضلعي اڳواڻن چيو ته جماعت جي سربراهه محبوب سڃڻ سائين جو پيغام اصلاحي ۽ فلاحي پيغام آهي. تعليم صحت واپار برداشت پيدا ڪرڻ وڻڪاري سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جو علم حاصل ڪرڻ ۽ خدمت خلق سندن جو منشور آهي.

بقايا سنڌيار 32

کاتي جا اعلا آفيسر جنهن ۾ ڊي ٻي او پرائمري شڪارپور صعاد پيو ڊپٽي ڊي او پرائمري بشير احمد ميمڻ اسٽنٽ ايجوڪيشن آفيسر سجاد احمد ميمڻ سميت ۽ ٻيا عملدار ڪيترائي ڪلاڪ ڏاڙيلن هٿان يرغمال ڪيترن ئي ڪلاڪن کان پوءِ ڪار موبائيل فونز روڪ رقم آفيس ليپٽاپ ڦر ڪري يرغمالين کان ڦر ڪري با آساني سان فرار ٿي ويا اڄ ڊي او پرائمري آفيس کان هڪ ريلي ڪڍي وئي جيڪا ريلي مختلف رستن کان ٿيندي پريس ڪلب تي پهتي جتي سخت احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي وئي جنهن ۾ صاد الله ڀيو ،صفدر امير ڀهوڙ، عبدالوهاب ڪاغذي. شفيق احمد شيخ. عمران جوڻيجو شعيب خان پٺاڻ، سڄل ڀيو، طارق داڻوپوٽا، غلام مصطفيٰ مهر، اعظم مهر، طارق محمود داڻوپوٽو عبدالرشيد سومرو، آفيسر ڪلارڪ استاد ۽ شهر جي معزز شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، جتي آفيسرن ۽ اڳواڻن پنهنجي بيان ۾ چيو ته چتيهه ڪلاڪ گذرڻ باوجود ڪو به تدارڪ نه ٿيو آهي جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ ۽ ايس ايس پي شڪارپور عمران خان. ايس ايڇ او گڙهي ياسين سان ملاقات ڪرڻ باوجود نهلا آسرا ملي رهيا آهن پر هن محل تائين آفيس رڪارڊ ليپٽاپ موبائيل فونز ڪلٽس ڪار ۽ روڪ رقم پوليس واپس ناهي ڪرائي سگهي جڏهن ته موبائيل فونز ۽ آفيس جي ليپٽاپ ۾ آفيس رڪارڊ سميت اليڪشن جي سموري انفارميشن موجود هئي آفيس ۾ تمام سخت تڪليف هجن باوجود ڪائي به انفارميشن بالا آفيسرن ڏانهن موڪلڻ لاءِ وڏو مسئلو آهي اڳواڻن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ڊي سي شڪارپور ايس ايس پي شڪارپور کان گهر ڪئي ته هڪ هفتي اندر ڦر ٿيل سامان آفيس ليپٽاپ موبائيل فونز واپس نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو جنهن جي ذميواري ايس ايس پي ڊي ايس پي گڙهي ياسين ايس ايڇ او گڙهي ياسين تي عائد ٿيندي.

بقايا سنڌيار 33

ان سلسلي ۾ پير ڀنو پوليس جي انچارج رسول بخش پنهور ۽ سينئر پوليس جمعدار محبوب درس ٻڌايو ته گذريل رات دير سان چڇ ڪيٽي لنڪ روڊ بجاڙ بند پرسان سنيپ چيڪنگ دوران سامهون ايندڙ موٽر سائيڪل سوار پوليس کي ڏسندي موٽر سائيڪل کي ڇڏي رات جي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا. هنن ٻڌايو ته مذڪور موٽر سائيڪل ڪجهه ڏينهن اڳ پريم ڪمار ٺڪر کان ڦرتي هئي. جنهن جي ڌڻين سڃاڻپ ڪئي آهي. هن چيو ته پير ڀنو پرسان ايس ايس پي ٺٽو جي حڪمن تي ڏوهارين خلاف سخت قدم کنيا پيا وڃن ڪجهه ڏينهن اڳ پڻ قتل جي هڪ اهم ڪيس ۾ ملوث ڏوهارين کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته ڏوهي وارداتون ڪندڙ ڪنهن به جوابدار کي بخش نه ڪيو ويندو. هوڏانهن علائقي واسين پاران پوليس پاران ٺڪوا قدم کڻي ڏوهارين خلاف ڪارروائين جي واکاڻ ڪندي ڪين شاباس ڏني آهي.

بقايا سنڌيار 34

اليڪشن ۾ سوبارو ٿي هتان جي ٻرندڙ مسئلن تعليم، صحت تي ترقي ۽ منشيات جي خاتمي ۽ پاڻي تي لڳندڙ ڏاڙي خلاف آواز اٿارينداس، اهڙن خيالن جو اظهار تحريڪ انصاف جو حمايت يافتا پي ايس 71 تي ن آزاد اميدوار نوجوان خليفه اشفاق احمد ميمڻ پنهنجي تڪ جي مختلف علائقن جي دوري دوران تڪ جي ماڻهن ۽ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو ته منهنجي والد خليفه عبدالله ميمڻ جون بدين واسين لاءِ ڪيل خدمتون ڪنهن کان لڪل ناهن بدين شهر مان رينجرس جا ٺاڻن جو انخلا. بدين آرمي شگر ملز، اسلاميه ڪاليج، ماروي ڪاليج سميت بي شمار ترقياتي ڪم سندس دور ۾ ٿيا اسان جو خاندان بي داغ رهيو آهي. هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته پي ٽي آئي وڏين ٻوتارن ۽ مافيائن جي مقابلي ۾ ميدان ۾ لٿي آهي انشا الله 8فيبروري تي سڀ عوام جي ٿيندي جڏهن ته هتان جو عوام ٻين پارٽين کي بار بار آزمائي هاڻ بيزار ٿي چڪي آهي، خليفه اشفاق احمد چيو ته پارٽي جي قيادت مون تي اعتماد ڪري نامزد ڪيو آهي اميد ته تڪ جي عوام پڻ اسان تي ڀروسو ڪندي ۽ سوبارو ڪندي . هن چيو ته ڪامياب ٿيڻ ڪانپوءِ بنا تفريق جي ڀرخلوص نموني عوام جي خدمت ڪنداسين. اسان جو مرڻ جيئڻ عوام سان آهي ۽ رهندو. هن پنهنجي پيغام ۾ تڪ جي عوام کي اپيل ڪئي ته 8فيبروري تي پاڻ ۽ ٻين کي وڌ ۾ وڌ پولنگ اسٽيشن تي پهچائي پيالي جي چونڊ نشان تي ٺپو هڻي ووٽ جو صحيح استعمال ڪندا. پي ايس 71 جي اميدوار سان گڏ پي ٽي آئي ضلع بدين جو جنرل سيڪريٽري غلام رسول ميمڻ به گڏ هو

بقايا سنڌيار 35

ضعلي لاڙڪاڻي جي نائب صدر خليفا عبدالعزيز عباسي جي صدارت ۾ ٿي گذري جڏهن خليفا سلطان احمد چنا خصوصي طور شرڪت ڪئي جنهن ۾ سال 2024 جي نئين باڊي اتفاق راءِ سليڪشن ڪئي وئي جنهن ۾ صدر خليفا مولانا غلام شبير شيخ طاهري، نائب صدر راجا محمد سليم ڪلهوڙو طاهري، جنرل سيڪريٽري حافظ علي حيدر ناريجو طاهري، جوائنٽ سيڪريٽري حافظ نعمت الله ڪرتيو طاهري، پريس سيڪريٽري سرتاج علي شيخ طاهري، فناس سيڪريٽري اسرار احمد ميرائي طاهري، اطلاعات سيڪريٽري حافظ محمد رفيق طاهري، آفيس سيڪريٽري مولوي غلام قادر ناريجو طاهري جن چونڊيا ويا.

بقايا سنڌيار 36

قليلي لڳ رهندڙ راشد ملاح کي حيدرآباد ۽ سجاول پوليس پاران سجاول مان گرفتار ڪري ڪيس حيدرآباد جي هٽڙي واري علائقي ۾ مبينا مقابلو ڏيکاري ڪيس بيدردي سان قتل ڪرڻ واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته راشد ملاح جو ڏوهه صرف اهو هو ته هن پنهنجي معصوم نياڻي لاڏبا ملاح جيڪا ڪجهه وقت اڳ هڪ بااثر پمپ مالڪ جي ڏنل ديوار ڪرڻ سبب ان جي هيٺان اچي دٻجي فوت ٿي وئي هئي. جنهن بعد راشد ملاح پنهنجي معصوم شهيد نياڻي جي خون سان انصاف ڪرائڻ لاءِ در در ڌڪا کائيندي عدالتن تائين به پهتو پر ڪيس انصاف ملي نه سگهيو. ويتر بااثر پٿمپ مالڪ راشد ملاح کي سخت پريشان ڪري مٿس مسلسل ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائيندو رهيو. پر راشد ملاح پنهنجي نياڻي جي ڪيس تان هٽ نه ڪيو. جنهن بعد پوليس بااثر پٿمپ مالڪ جي ونگار وهندي ڪالهه راشد ملاح کي سجاول مان گرفتار ڪري ڪوڙو ڊرامو ناهي ڪيس قتل ڪرائي سنڌس گهر اجاڙي ڇڏيو اهي. پر هاڻي حيدرآباد پوليس اها پٿي دعوا ڪري ته راشد ملاح هڪ قتل جي ڪيس ۾ گهربل هو پوليس سنڌس گهيرو تنگ ڪيو ته هن پاڻ کي گولين هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته پوليس راشد ملاح جي 3 عورتن سميت هڪ نوجوان پاٽيجي کي به گرفتار ڪري ورتو آهي. جن جو به اڃان تائين ڪو به ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو. هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺي راشد ملاح ۽ سنڌس معصوم نياڻي جي خون سان انصاف ڪرائي راشد ملاح جي گرفتار 3 عورتن سميت سنڌس نوجوان پاٽيجي کي آزاد ڪرائي هٿ ٺوڪيو مقابلو ڏيکاري راشد ملاح کي ماريندڙ پوليس ۽ بااثر پٿمپ مالڪ خلاف ڪاروائي ڪري راشد ملاح جي وارثن سان انصاف ڪري انهن کي بااثر پٿمپ مالڪ جي زيادتين مان نجات ڏياري ڪين تحفظ مهيا ڪيو وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 37

ويل شيخ برادري جي ٻن نوجوانن مير شيخ ۽ اسدالله شيخ جي ڪيس جي ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايل پنجن مبينه پوليس اهلڪارن هرهڪ هيڊ محرر عبدالله چنو، پي سي بخت علي سومرو، پي سي فياض جکرائي ضيا الحق جکرائي ۽ عبدالرشيد جکرائي کي ايس ايس پي ڪشمور بشير احمد بروهي نوڪري کان معطل ڪرڻ جو آرڊر جاري ڪري ڇڏيو آهي واضح رهي ته ته 11 مهينا اڳ غوثپور ٿاڻي جي اڳوڻي ايس ايڇ او احمد نواز جکرائي پنهنجي ٽيم ساڻ ڪري گرفتار ڪيل ميرخان شيخ ۽ اسد شيخ کي گرفتار ڪري سندن جي وارثن کان آزادي لاءِ 3 لک روپيا رشوت طلب ڪئي هئي رشوت واري رقم نه ڏيڻ ته غوثپور پوليس رات جي اونداهي ۾ دڙي پر سان انڊس هاءِ وي تي مقابلو ڄاڻائي ٻنهي پورهيتن کي قتل گولين هڻي قتل ڪيو هو واضح رهي ته پوليس جي ڪوڙي مقابلي ۾ مارجي ويل ميرخان شيخ ۽ اسد شيخ جي قتل ڪيس ۾ ڇهه جوابدار ڄاڻايل هئا.

بقايا سنڌيار 38

بنا جواز گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش گهر ڀاتين کي حراسمينٽ تي اعليٰ اختيارين کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي . خبر موجب ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ واپڊا ڪالوني جي رهواسي نعمت الله سيال پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳايو آهي ته پوليس علائقي ۾ پنهنجي پوليس اسٽيٽ قائم ڪري بنا ڪنهن جواز ۽ سرچ وارنٽ جي گهرن ۾ داخل ٿي عورتن مردن ۽ معصوم ٻارن کي حراسمينٽ ڪرڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي قانون جي خلاف ورزي ڪري رهي آهي. جنهن ۾ ڪنهن به ڏوهه سان تعلق نه هجڻ باوجود گهر ۾ چوري جي موٽر سائيڪل هجڻ جو سبب ڄاڻائي پوليس تذليل ڪئي آهي . جنهن سان اسان جي خاندان جي عزت مجروح ڪئي وئي آهي . جنهن ۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او ۽ اهلڪارن ڪا به ثابتي نه ملڻ ڪانپوءِ به اسان کي اڃان تائين ڪوڙن ڪيسن ۾ گرفتار ڪرڻ ۽ گهرتي ڪيل پوليس جي چڙهائي تي خاموش رهڻ لاءِ سخت دٻاءُ وڌو وڃي پيو . جنهن ۾ ڪجهه به ڪرڻ تي گرفتار ڪري لاڪپ ڪرڻ ۽ تشدد ڪرڻ جي به ڌمڪي ڏني وئي آهي جنهن جو اعليٰ اختيارين کي نوٽيس وٺڻ گهرجي. پوليس جي بنا جواز ڪاروائين خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي . پريس ڪانفرنس ذريعي نگران وڏي وزير، گهرو کاتي جي نگران صوبائي وزير، آئي جي سنڌ پوليس کان فوري طور نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 39

جيل پهچي دادو جيل جي مختلف وارڊن ۽ سهولتن جو جائزو ورتو ۽ دادو ڊسٽرڪٽ جيل ۾ شجرڪاري مهم جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي ڊي آءِ جي جيل خاناجات حيدرآباد محمد ناصر خان کي ايف سي ۽ دادو جيل پوليس جي جوانن سلامي ڏني، ڊي آءِ جي جيل خاناجات حيدرآباد چيو ته سنڌ جي جيلن ۾ خصوصن دادو ضلعي جي جيل ۾ وڻ ڪاري مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ اسان سڀني کي عمل ڪرڻ گهرجي ته جيئن جيل اندر قيدين کي ماحولياتي گدلاڻ ۽ گرمي جي اثرات کان بچڻ لاءِ مدد ملي سگهي سنڌ جي جيلن اندر وڌ کان وڌ سڃاڪاري ڪئي وڃي، ڊي آءِ جي جيل خاناجات حيدرآباد وڌيڪ چيو ته شجرڪاري ڪرڻ سان دادو ضلعي سميت پوري سنڌ اندر گرمي پڻ گهٽ ٿئي سگهي ٿي وڻ پوکڻ سان ساوڪ ۽ سونهن، چانو ٿئي ٿي جنهن سان لکين انسانن توڙي جانورن ۽ پکين کي فائدو رسي ٿو.وڻ پوکڻ صدقه جاريه آهي. اجوکي هن منهنجي دوري جو مقصد پاڪستان ۽ سنڌ کي سرسبز ڪرڻ ۽ ماحولياتي گدلاڻ ختم ڪرڻ آهي هميشه ادارن اندر ساوڪ صفائي ۽ باغيچن جي حمايت ڪئي آهي جيل اندر هر سال نوان وڻ پوکڻ ۽ انهن جي پالنا ڪرڻ گهرجي. هر انسان ذات، کي اهو احساس عادت وجهڻ گهرجي ته جيئن پنهنجي شهر، گهرن ۽ آفيسن اندر ساوڪ ۽ صفائي جو خاص خيال رکن،وڻ لڳايو ماحول بچايو وڻ انسان ذات جي زندگي ۾ وڏي اهميت رکي ٿو ۽ قدرتي نظام آهي ته جتي وڻ ساوڪ هوندي اتي وڌ ۾ وڌ برسات به پوندي آهي ضلعي اندر ۾ وڻ پوکيا وڃن ۽ اسان سڀني شهري توڙي ٻهراڙي انسان ذات جو فرض آهي ته اسان هر هنڌ اهيو سجرڪاري جو شعور ڪريو ڊي آءِ جي جيل خاناجات جيل اندر وڻ کٽي ۽ قيدين کان جيل مينيوئل بابت به ڄاڻ ورتي،ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ پريزن ۽ ڪريڪشن آفيسر دادو امتياز علي سومرو چيو ته اسان جيل اندر 1600 ٻوٽا گهرايا آهن جنهن ۾ جامن انب، اسابري، گلاب،جاسمين جا وڻ ۽ ٻوٽن جون چڪيون آهن جيڪي دادو جيل کي خوبصورت بنائيندو منهنجي ڀهرين به اهيا ڪوشش رهي آهي ته دادو جيل اندر وڌ کان وڌ ٻوٽا پوکيا وڃن ته جيئن ماحولياتي گدلاڻ کان بچي سگهجي،ان موقعي تي منوج ڪمار آر ايف او دادو سوشل،منصب علي،غلام حيدر ڪلهوڙو ايف جي،ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر ڊيشان لغاري،جونيئر ڪلارڪ فرقان غني منگي سميت دادو جا صحافي پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 40

قليلي لڳ رهندڙ راشد ملاح کي حيدرآباد ۽ سجاول پوليس پاران سجاول مان گرفتار ڪري ڪيس حيدرآباد جي هٽڙي واري علائقي ۾ مبينا مقابلو ڏيکاري ڪيس بيدردي سان قتل ڪرڻ واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته راشد ملاح جو ڏوهه صرف اهو هو ته هن پنهنجي معصوم نياڻي لاڏبا ملاح جيڪا ڪجهه وقت اڳ هڪ بااثر پمپ مالڪ جي ڏنل ديوار ڪرڻ سبب ان جي هيٺان اچي دٻجي فوت ٿي وئي هئي. جنهن بعد راشد ملاح پنهنجي معصوم شهيد نياڻي جي خون سان انصاف ڪرائڻ لاءِ در در ڌڪا کائيندي عدالتن تائين به پهتو پر ڪيس انصاف ملي نه سگهيو. ويتر بااثر پٿمپ مالڪ راشد ملاح کي سخت پريشان ڪري مٿس مسلسل ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائيندو رهيو. پر راشد ملاح پنهنجي نياڻي جي ڪيس تان هٽ نه ڪيو. جنهن بعد پوليس بااثر پٿمپ مالڪ جي ونگار وهندي ڪالهه راشد ملاح کي سجاول مان گرفتار ڪري ڪوڙو ڊرامو ناهي ڪيس قتل ڪرائي سنڌس گهر اجاڙي ڇڏيو اهي. پر هاڻي حيدرآباد پوليس اها پٿي دعوا ڪري ته راشد ملاح هڪ قتل جي ڪيس ۾ گهربل هو پوليس سنڌس گهيرو تنگ ڪيو ته هن پاڻ کي گولين هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته پوليس راشد ملاح جي 3 عورتن سميت هڪ نوجوان پاٽيجي کي به گرفتار ڪري ورتو آهي. جن جو به اڃان تائين ڪو به ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو. هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺي راشد ملاح ۽ سنڌس معصوم نياڻي جي خون سان انصاف ڪرائي راشد ملاح جي گرفتار 3 عورتن سميت سنڌس نوجوان پاٽيجي کي آزاد ڪرائي هٿ ٺوڪيو مقابلو ڏيکاري راشد ملاح کي ماريندڙ پوليس ۽ بااثر پٿمپ مالڪ خلاف ڪاروائي ڪري راشد ملاح جي وارثن سان انصاف ڪري انهن کي بااثر پٿمپ مالڪ جي زيادتين مان نجات ڏياري ڪين تحفظ مهيا ڪيو وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 41

جي ڪوشش دوران واپاري مزاحمت ڪري هڪ ڦورو حنيف ڪچي پسٽل سميت جهلي ورتو ٻيو ڦورو فرار ٿي ويو اطلاع تي پوليس نه پهتي واپارين ۽ شهرين ڦورو کي ٿاڻي تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو ايس ايڇ او گهارو جاءِ واردات تي نه پهتو واپارين ۽ سول سوسائٽي پاران بدامني ۽ ٻيو ڦورو گرفتار نه ڪرڻ جي صورت ۾ احتجاج جو ڇتاءُ ڏئي ڇڏيو تفصيل موجب رات 9بجي مهيش شرما جي ايزي لوڊ جي دڪان تان ٻه ڦورو هٿيار جي زور تي 3 لک رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا اطلاع باوجود پوليس ڪابه ڪاروائي نه ڪئي ۽ نه ڪا ناڪابندي ڪئي وئي جنهن جي رپورٽ گهارو ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي اڄ صبح 10 بجي ٿاڻي جي سامهون واپاري ۽ سينئر صحافي مهيش ڪمار ٽڪياڻي کان هٿيار جي زور تي ڦر جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن تي مزاحمت ڪرڻ سان هڪ ڦورو پسٽل سميت سوگهو ڪري ورتو اطلاع تي واپاري سول سوسائٽي جا اڳواڻ شهري موقعي تي پهچي ويا پر پوليس جاءِ واردات تي نه پهتي واپارين ۽ شهرين سوگهو ٿيل ڦورو ٿاڻي تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته 24 ڪلاڪن ۾ ٻه ڦر جون وارداتون ٿيڻ باوجود ايس ايڇ او گهارو ڪوبه تحرڪ نه ورتو واپاري ۽ شهري پنهنجي مڙسي پاڻ تحت پنهنجي حفاظت ڪرڻ لڳا پوليس جي رٽ مڪمل طور تي ختم ٿي وئي آهي جڏهن ته واپارين ۽ سول سوسائٽي پاران ٻيو ڦورو گرفتار نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو ڇتاءُ ڏنو آهي

بقايا سنڌيار 42

ڪيس جو فريادي پرويز چانڊيو،امر رباب چانڊيو عدالت ۾ پيش ٿيا. قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار اڳوڻي ايم پي اي سردار چانڊيو، برهان چانڊيو ۽ ان وقت جو ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو به عدالت ۾ پيش ٿيا. ڪيس ۾ گرفتار ٿيل جوابدار علي گوهر، مرتضيٰ، سڪندر چانڊيو ۽ ذوالفقار چانڊيو کي سخت پوليس پهري هيٺ عدالت آندو ويو.جڏهن ته ڪيس ۾ گرفتار ٿيل جوابدار ذوالفقار چانڊيو پاران ضمانت جي لاءِ عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائڻ تي ٻنهي ڌرين جي وڪيلن پاران دليل پيش ڪيا.جنهن بعد ٻڌڻي دادو ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي جج پاران ڪيس جي ٻڌڻي 26 جنوري تائين ملتوي ڪئي وئي. عدالت ٻاهران امر رباب چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ٽن گهرياتين جي قتل ڪيس کي 6 سال مڪمل ٿي ويا آهن پر هن وقت تائين انصاف نه ٿي سگهيو آهي 6 سالن کان انصاف جا منتظر آهيون عدالت تي يقين آهي انصاف ملندو. ڪيس ۾ گرفتار جوابدار ذوالفقار چانڊيو پاران ضمانت لاءِ درخواست داخل ڪرائي وئي جنهن تي وڪيلن دليل پيش ڪيا آهن ايندڙ ٻڌڻي تي فيصلو ٻڌايو ويندو. جوابدار ذوالفقار چانڊيو 3 سال روپوش رهيو ڪيس مٿان سپريم ڪورٽ انعام رکيو هو ۽ گرفتار نه ٿيڻ سبب ان وقت جي آءِ جي سنڌ کي سپريم ڪورٽ جون حاضريون ڪاٽڻيون پيون هيون. ذوالفقار چانڊيو کي پوليس سمورا وسائل استعمال ڪري وڏي ڏاکائين سان گرفتار ڪيو هو جنهن تي ان وقت جي ايس ايس پي دادو کي تمغه امتياز سان نوازيو ويو هو. عدالتن تي يقين آهي ته سنڌس جي ضمانت واري درخواست رد ڪئي ويندي. هن چيو ته سنڌي نوجوانن ۾ شعور پيدا ٿي ويو آهي برهان چانڊيو کان نوجوان پاران سوال ڪيا ويا آهن جيڪا وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي آهي ڏسي خوشي ٿي ماڻهن سرداري نظام خلاف اٿي بيٺا آهن عوام کي حق آهي ته هو ووٽ وٺڻ لاءِ ايندڙن جي پڇا ڪري ۽ سنڌس کان سخت سوال ڪري هنن اقتدار ۾ رهي ڇا ڪيو آهي. ڪيس جي ٻڌڻي دوران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هئا.

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني سنڌيار ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com